
# سنڌ سلامت
# ساھُہ سلامت

[شاعري]




ناطق ڪمبوھ، هالاڻوي

# سنڌُ سلامت،
# ساهه سلامت

(شاعري)

ناطق ڪمبوه هالاڻوي

عطا پبليڪيشن
هالاڻي - 2012ع

حق ۽ واسطا شاعر وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: **سنڌ سلامت، ساھ سلامت**
موضوع: شاعري
شاعر: ناطق ڪمبوه هالائي
ڇاپو: پهريون
سال: 2012
ٽائيٽل: نعيم خان ديسوالي
ڪمپوزنگ: جمشيد آزاد گاڏهي
ڇپائيندڙ: محمد ڪامل سولنگي
عطا پبليڪيشن، هالا، سنڌ.
ڇپيندڙ: انٽيل ڪميونيڪيشنز حيدرآباد، سنڌ.
قيمت: 150 روپيا
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

**Sindh Salamat Saah Salamat**
*[Poetry]*

*By Natiq Kamboh Halanvi*

Edition: First
Year: © 2012
Title: Naeem Deswali
Published by: Muhammad Kamil Solangi
Atta Publication, Halani, Sindh
Printed by: Intel Communications,
Hyderchowk, Hyderabad, Sindh.
Tel: +92 222721172
Price: Rs. 150-00
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ارپنا

هي پورهيو مان پنهنجي
بابا سائين، امڙ سائڻ ۽ پرائمريءَ کان وٺندي
مئٽرڪ تائين علم جي زيور سان سينگاريندڙ
استادن کي ارپيان ٿو.

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ـ مهاڳ | ’ناطق‘ ڪمبوهه هالائٽوي | 7 |
| ـ ’ناطق‘ محبتن جو سفير | لطف سيال ايڊووڪيٽ | 8 |
| ـ پنهنجي پاران | ناطق ڪمبوهه هالائٽوي | 8 |

**غزل**
**وائيون**
**بيت**
**چؤسٽا**
**ڪافي**
**ٽيڙو**

# مهاڳ

واقفڪار شاعر اديب ۽ سنڌي ٻوليءَ جي استاد ليڪچرڪار ۽ ادبي سنگت شاخ هالاڻيءَ جي هم عصر دوستن کي هن ڪتاب تي مهاڳ لکڻ لاءِ چوندو رهيم، پر انهن مان ڪنهن هڪ به دل نه جهلي، ڪنهن ناليواري وڏي اديب کي ڪتابي مواد پيش ڪرڻ جي وري مون پاڻ ۾ سگهه نه ساري، چو ته مان هن ڪتاب ۾ ڇپيل مواد کي شاعري ته سمجهان ٿو! پر ٻيو ڪو سمجهي الائجي نه! سو پنهنجو مهاڳ اهو ئي آهي جيڪو اوهان پڙهي رهيا آهيو.

جيئي لطيف، جيئي ڌرتي، جيئي لطيف جي ٻولي.

’ناطق‘ ڪمبوه هالاڻوي

# 'ناطق' محبتن جو سفير

بهار رُت جي آمد، برسات جو وسڪارو ۽ ساهن ۾ مٽيءَ جي خوشبوءِ موڪيءَ جي جام وانگي اوتجي رهي آهي. آئون اجا مٽيءَ جي خوشبوءِ جي سحر مان ئي ناهيان نڪتو جڻ مٽيءَ جي خوشبوءِ جي مَٽي پِي مستن جيان سپنن جي ديس ۾ رقص ۾ مَحو آهيان. اچانڪ 'ناطق' جي فون منهنجا نشا ئي توڙي ڇڏيا. ڇو تہ 'ناطق' جي فون منهنجي جي خواهش ڏيکاريندي، منهنجي شهر محراب پور، مون سان ملڻ ڪاڻ اچڻ جي اجازت گهرندي مون کي تمام وڏو ماڻهو تو لڳي. ڇو تہ 'ناطق' سينئر ڪوي هجڻ سان گڏوگڏ عمر جي حساب سان بہ بزرگ هجڻ ڪري مانُ لهڻي ۽ مون جهڙي ادني ماڻهوءَ کي وٽس وڃڻ گهرجي. سندس مهانتا ۽ پنهنجا ياڳ پلا پائيندي محبت ۽ احترام ساڻ کيس اچڻ ڪاڻ چيم. آيو تہ هڪ وڏو لفافو سندس هٿ ۾ هيو مون ڏسڻ سان ئي سمجهيو تہ وٽس سندس شاعريءَ جو اهو ئي مواد آهي، جنهن جو ذڪر فون تي ڪيو هئائين. ملاقات دؤران ضروري صلاح مشوَري ڪان پوءِ 'ناطق' سندس ڇپائيءَ هيٺ، شاعريءَ جي ڪتاب 'سنڌ سلامت ـ سات سلامت' بابت بہ اکر لکڻ ڪاڻ چيو. يقيناً ڪنهن جي تخليق توڙي شخصيت تي لکڻ ڪاڻ لکندڙ جو مطالعو هجڻ

سان گڏوگڏ چاڻ وارو هجڻ پڻ ضروري آهي. آئون نہ تہ وڏو شاعر آهيان ۽ نہ وري وڏو ڄاڻو هجڻ جي هام ٿي هڻندو آهيان. تنهنڪري ڪنهن بہ ڪتاب تي لکڻ کان لهرائيندو آهيان. 'ناطق' جنهن پيار ۽ خلوص سان لکڻ ڪاڻ چيو مون کي بہ مٿس پيار اچي ويو ۽ لکڻ ڪاڻ حامي ڀري ويٺس. 'ناطق' سان انصاف ڪرڻ جي دعويٰ تہ نہ ٿو ڪري سگهان، پر پيارَ سان لکڻ جي ڪوشش ضرور ڪندس. 'ناطق' جي شاعري تي لکڻ کان اڳ آئون ايترو ضرور چوندس تہ 'ناطق'، جنهن سان ملاقات ۽ تعلق مرحوم آصف منياڻويءَ جهڙي منڙي ماڻهوءَ جي محبتن ڪري ٿيو جنهن جون حسين يادون اڄ بہ اسان وٽ موجود آهن، سو (ناطق) محبتي ماڻهو آهي. سندس طبيعت توڙي فطرت ۾ سنڌ ۽ سنڌواسين سان محبت جو جذبو جنون جي حد تائين موجود آهي. 'ناطق' جي دل ۾ جتي سجنيءَ جون سارُون موجود آهن، اتي سنڌواسين جي حالتن جون سيارون پڻ موجود آهن. 'ناطق' ڌارين جي بدنيَتيءَ سان سنڌ سُڪائڻ جي منصوبن کي ڏسي ٿو تہ ماٺ تي ويهڻ بجاءِ قلم سان سنڌ جي بقا جي جنگ وڙهندي چوي ٿو تہ:

لُڏندڙ ٻيڙي هن قوم جي مٿان ٻُڏي وڃي،
مانجهي اُٿو سڀ مڙس ٿي ٻيڙيءَ کي تارجي،
سڪائڻ ٿو چاهي سنڌ کي ڏيمن جي چار سان،
ظالم اهڙي حڪمران کي مڙس ٿي للڪارجي.

'ناطق' جي ڌرتيءَ سان اُڪير ۽ سِڪ جو اندازو سندس هيٺين شعرن مان بخوبي ڪري سگهجي ٿو. جنهن ۾ سنڌ کي جنت کان ڪنهن بہ صورت ۾ گهٽ نہ ٿو چوي:

حياتي وطن ۾ آ جنت کان گهٽ نہ،
جيئڻو ۽ مرڻو آهي پنهنجي وطن ۾.

تون جنت جنت پَل پيو چئہ،
مون ڌرتيءَ تي ئي ڳولهي آ.

ساه ڪانِ پيارو ديس اسان کي،
جان جگر پـي وارينداسين.

مُئي پڄاڻان سنڌ جي مٽيءَ ۾ مان مِلان
پروردگار جي اڳيان هي منهنجو عرض آ.

'ناطق' جي شاعريءَ جو چڱو چوکو حصو سنڌ ۽ سنڌ واسين جي حُب ۽ سنڌ توڙي سنڌ واسين سان ٿيل وارتائن جو منظوم داستان آهي. اهڙا اڻ ـ ڳڻيا شعر سندس سنڌ توڙي سنڌ واسين سان جنون جي حد تائين محبت جو مظهر آهن. 'ناطق' جي شاعريءَ ۾ جتي سنڌ توڙي سنڌ واسين سان محبت جو جذبو موجود آهي، اتي سڄنيءَ جي سڪ ۽ پيار جو جذبو پڻ موجود آهي. سڄنيءَ جي سونهن، سڪ ۽ پريم جو پرچار ڪندي 'ناطق' مون کي سچل سرمست جي انهن سٽن جو پرتوو ٿو پاسي ته:

سـچُو عشق نه ٿيـوي پُڍڙا،
پانوين چنڙي هو وي ڏاڙهي.

'ناطق' سڄنيءَ کان لکندي پاڻ کي قطعي عمر جي قيد ۾ آڻڻ بجاءِ ان ڳالهه کي نظر ۾ رکندي لکي ٿو ته: عمرن ۾ ڇا رکيو آ، دل جو جوان هجڻ ئي ضروري عنصر آهي، ڪويءَ کي متحرڪ رکڻ ڪاڻ! 'ناطق' جي پيار جي شڪتيءَ جا جلوا پسڻ ڪاڻ سندس ڪجهه شاعريءَ کي پيار سان نظر مان ڪيون ٿا:

ڪندي پيار توسان ويا گُذري زمانا،
اڃا تـو نه ڇڏيا رُسـڻ هي رُساما.

دل وارن جــو داسـتان دلـبر آهي ڏاڍو عـجيب،
عشق ۾ سڀ ڪجهه ڦُرائي پوءِ به خوش آهن غريب.

هن ڏکر جي دؤر ۾ ’ناطق‘ اچا گهرجي پيو چا،
يار جنهن کي آهي پر ۾ سو ڪيڏو آ خوش نصيب

تصور ۾ آهين رڳو تون ئي تون،
ساهه ۾ به توکي سمايو اٿم.

هر پل هردم يار سڄڻ جي،
دل ۾ آهي سارَ سڄڻ جي.

پنڌ اهڙو جڙ مور تِلي تو،
موهيندڙ آ رفتار سڄڻ جي.

’ناطق‘ غزل ۾ صرف سڄڻيءَ جي سارَ بدران، ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ واسين جي وارتائن ۽ محبتن جو منظوم داستان لکڻ سان گڏوگڏ سماجي اڻ- برابريءَ واري پهلو کي به مظلوم طبقي جي آواز طور لفظن جو روپ ڏنو آهي:

ٻُڌ وڏيرا! مَنَ جا ميرا،
ڪپڙا تئي اُجرا، گندا ڇهرا،
پيٽ تنهنجو ڇو اڃا نه ڀريو،
ڪائي سموارا آن جا ديرا.

’ناطق‘ جي مادري زبان توڙي جو پنجابي آهي ۽ سندس تعلق سنڌ جي ڳوٺ نما ننڍڙي شهر هالاڻيءَ سان آهي، پر تنهن هوندي به سندس دل ۾ سنڌ ڌرتيءَ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان بيحد پيار جي ڪري هن نه صرف سنڌي ٻوليءَ ۾ شاعري رچي آهي پر پنهنجو شاعريءَ جو مجموعو ’سنڌ سلامت- ساهه سلامت‘ پڻ سنڌي ٻوليءَ ۾ آڻڻ پنهنجي فرض ۾ شامل سمجهندي ڪنهن به تنقيدي طوفان کان بالاتر ٿي پنهنجي عشق جو اظهار سنڌ واسين تائين ڪتابي صورت ۾ پهچائڻ لاءِ جتن ڪري رهيو آهي. الله پاڪ

ڪري سندس محنتون ۽ محبتون ادب جي پارکُن کي پانءِ پَوَن. ’ناطق‘ غزل سان گڏوگڏ وائي، بيت، چؤسٽا، ٽيڙو ۽ ڪافيءَ جي صنفن تي ڪيل پورهيو پڻ هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو آهي.

’ناطق‘ سنڌي ٻوليءَ جو نالي چڙهيو شاعر نـ سَهي، پر سنڌ جو سچو عاشق ضرور آهي. تنهنڪري ’ناطق‘ جي شاعريءَ کي وزن، بحر ۽ ڳُوڙهي غور و فڪر جي ساهميءَ ۾ تورڻ ۽ سندس بيت سندس همعصر شاعرن سان ڪرڻ بجاءِ ’ناطق‘ کي ’ناطق‘ سمجهي ۽ سندس شاعريءَ کي ’ناطق‘ جي شاعري ٻسمجهي ڪري پڙهنداسين تہ ’ناطق‘ جي هن پيار واري پورهئي تي پيار اچي ويندو ۽ ’ناطق‘ محبتن جو سفير پاسندو. رب پاڪ سندس حوصلا بلند ڪري ۽ سندس ذات توٽي ڏانؤَ ۾ وڏيڪ نکار آڻي (آمين).

پڄاڻي ڀٽائي سرڪار جي هن بيت سان تـ:

چڱا ڪن چڱايون، مدايون مَـدن،
جو وَڙ جڙي جن سين، سو وڙُ سيئي ڪن.

## لطف سيال، ايڊووڪيٽ

محراب پور

# پنهنجي پاران

سنڌ ڌرتي مونکي ان ڪري بہ عزيز ۽ پياري آهي جو سنڌ منهنجي لاءِ سڀ ڪجهہ آهي هيءَ منهنجي لاءِ جيجل بہ آهي تہ گهر تڙ ۽ وطن بہ آهي. سنڌ ڌرتيءَ ۽ سنڌوءَ جي پاڻيءَ مان اُپايل ان ڪائي ۽ پاڻي پي، آئون جواني ماڻي پوڙهو ٿيو آهيان. سنڌ کي باب الاسلام هجڻ جو شرف پڻ حاصل آهي مون کي پنهنجي مسلمان هجڻ تي ناز آهي ڇو تہ منهنجي وڏڙن کي اسلام ۽ مسلمانيءَ جهڙي نعمت ۽ دولت بابُ الاسلام (سنڌ) جي صدقي نصيب ٿي آهي. سنڌ ۽ سنڌي مون کي ان ڪري بہ پيارا آهن جو سنڌ اسيمبلي جي هڪ چونڊيل عوامي نمائندي ۽ ڏاهي مفڪر محترم غلام مرتضيٰ عرف جي.ايم.سيد سنڌ اسيمبليءَ مان پاڪستان جو نعرا ءُ منظور ڪرايو جنهن ڪري آئون ورهاڱي بعد 5 ورهين جي ڄمار ۾ پنهنجي بزرگن سان گڏ ڀارت جي رياست ڪپور ٿلہ ضلع جالنڌر کان اچي سنڌ ۾ آباد ٿيس.

منهنجي ذاتي زندگي عجيب و غريب لاهن چاڙهن سبب هڪ ڏکهو داستان آهي، پرائمري تعليم کان وٺندي ايم.اي تائين منهنجو ذريعہ تعليم يعني ميڊيم اردو رهيو آهي، جڏهن تہ منهنجي وڏڙن جي مادري زبان پنجابي هئي ۽ آهي.

1960ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪيم ۽ 1964ع ۾ تعليم کاتي سنڌ ۾ بحيثيت جونيئر اسڪول ٽيچر (ڊرائينگ اينڊ آرٽ ٽيچر) جي آساميءَ تي

هاءِ اسڪول نئوديرو ضلع لاڙڪاڻي ۾ ملازم ٿيم. تدريسي عمل ۾ سيکارڻ کان وڌيڪ سکيم ۽ پرايم. شروعات کان وٺي منهنجي صورتخطي ڪمزور رهي آهي ۽ اڄ سوڌو آهي. ان جو سبب پرائمري تعليم سنڌي نه پڙهڻ آهي. آئون پنهنجي اها خامي دور ڪرڻ لاءِ نثر بدران نظم جو سهارو وٺندي 1970ع ڌاري ڪچي پڪي لکڻ جي شروعات ڪيم. اڄي ڏاڍهي (69) سال عمر ٿيڻ باوجود به لکڻ جي پچر ڪونه ڇڏي اٿم ۽ جيستائين زندگيءَ ساٿ ڏنو لکندو رهندُس.

وزن، بحر وغيره مان به بنهه ڪونه ڄاڻان، گهاڙيتن جي به ڄاڻ پوري ساري اٿم تنهن ڪري مسلسل بي وزن شاعري ڪندو ٿو اچان. جيتوڻيڪ مون پاڻ ۾ شاعر هجڻ جي سگهه نه ساري آهي، البته سڌ ضرور ڪئي اٿم. جيڪڏهن منهنجا ڏاها دوست ۽ صاحب علم ذات ۽ ڏانوَ ڌڻي منهنجي هن ٽُڪبنديءَ کي شاعريءَ جو شرف ڏئِي مونکي شاعر چوندا ته اها انهن جي وڏ وڙائي هوندي.

مان سنڌو ۽ سنڌ جو نمڪخوار هوندي سنڌي قوم ۽ سنڌي ٻولي (هڪ قديم تهذيب ۽ ثقافت) جي مالڪ قوم جي هڪ ادنيٰ خادم جي حيثيت ۾ پنهنجو حصو شامل ڪرڻ لاءِ وِتَ ۽ سَتَ آهر ڪوشش ڪئي آهي. آئون ڪهڙي دعوي ڪيان مرشد لطيف جو سهارو وٺندي (جي اگهئي ته پاءَ نه ته مڙن کي ئي موٽ) آئون اميد ڪري سگهان ٿو ته سوين اوڻاين جي باوجود به منهنجي تخليق ۾ ڪي ٻه- چار سنيون ڳالهيون، ڪو پيغام، ڪو جاڳرتا جو پهلو يا سنڌ ۽ سنڌين جي اهنجن ۽ سورن جو ذڪر ۽ انهن کان نجات لاءِ فڪري سوچ ۽ ويچار وارو پهلو ضرور هوندو.

مصر جي يوسف عليه السلام جي خريدار هڪ ٻيڏڙي عورت وانگر مان به سنڌ جي هماليه جبل جيڏي قداور ذات ڌڻين جي هوندي هڪ معمولي ڪارڪن جي حيثيت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي خدمت جو جذبو رکي هڪ معمولي ڪوشش ڪئي آهي، اميد ته اها منهنجي ڪاوش سڄڻن وٽ قبول پوندي.

هڪ ٻي ڳالهہ جي وضاحت ڪرڻ لازم ٿو سمجهان تہ اڄ ڏينهن تائين جو ڪجهہ مون لکيو آهي، تنهن جي باقاعده نہ ڪنهن کان اصلاح ورتي اٿم نہ وري املاءِ. البتہ همعصر دوستن سان خيالن جي ڏي وٺ ٿيندي رهندي هئي. انهن ۾ نوجوان ۽ بزرگ ٻنهي ٿهين جا اديب آهن. انهن دوستن جو ذڪر نہ ڪرڻ بہ انياءُ ٿيندو انهن ۾ شوق خانواهڻي هڪ بزرگ شاعر آهي جيڪو ايوارڊ يافتہ مولودن جي ڪتاب (آڙين جو آثار_ مصطفيٰ[۳]) جو خالق آهي. ڪنڊياري شهر جو ڀلوڙ شاعر عبدالغفار 'دکي' ۽ شبير هاليپوٽو شامل آهن. انهن کان پرايم. انهن سڀني کان وڌيڪ قربت مرحوم آصف مٺياڻوي سان هئي جيڪو هن وقت اسان ۾ موجود نہ آهي ۽ ان کان علاوه محرابپور شهر جو نواز ڀٽي پڻ آهي. انهن ۾ آصف مرحوم کي صلاحڪار ۽ شوق خانواهڻي کي استاد جو درجو ڏئي سگهجي ٿو.

خصوصي سهڪار لاءِ مان ڏاهي دانشور ۽ شاعر محمد ڪامل عرف پير ڪامل سولنگيءَ جو ۽ اسسٽنٽ پروفيسر (ڊاڪٽر) الطاف جوکئي صاحب جو ٿورائتو آهيان. جنهن منهنجي هن شعري مجموعي جي نوڪ پلڪ سنوارڻ لاءِ پنهنجو قيمتي وقت ڏنو ۽ پروف ريڊنگ کان وٺندي ٻوليءَ جي صحت ۽ صورتخطيءَ جي درستگيءَ لاءِ سهڪار ڪيو.

فقط

سنڌ سلامت_ ساهہ سلامت

'ناطق' ڪمبوهہ هالاڻوي

0303_3775149

# غزل

اندر جِي ڳالهہ سان وَرِي اندر اُجارجي،
محبت جي تيل سان وري ڏيئو ڪو ٻارجي.

دوئي دغا ڦُرمار جا ڀنيث ٻريل آهن،
نفرت جو جذبو پيار سان هوري ٺارجي.

لُڏندڙ ٻيڙي هن قوم جي متان ٻُڏي وڃي،
مانجهي اُٿو! سڀ مُڙس ٿِي ٻيڙيءَ کي تارجي.

سُڪائڻ ٿو چاهي سنڌ کي ڏيمن جي جار سان،
ظالم اهڙي حُڪمران کي مُڙس ٿي لَلڪارجي.

ٻُرو وقت آهي قوم لئہ 'ناطق' سجاڳ ٿِي،
لهي مُڙس ٿي ميدان ۾، مَرجي يا مارجي.

**

اسان جِي آزادي آ اسان جَي هَٿن ۾،
اجايو لِڪون ٿا ٻين جي ڪچن ۾.

ٻَراون محلن کي اسين ڇا ڪنداسين؟
اسان کي فَرحت پنهنجي ئي ڪکن ۾.

حياتي وطن ۾ آ جنت کان گهٽ نہ،
جيئڻو ۽ مرڻو آهي پنهنجي وطن ۾.

آ ڏرتي اسان جي هِي روپي ۽ سوني،
سنڌ هي اسان جي آ، هڪڙي لکن ۾.

مَران جڏهن مان ’ناطق‘ تہ مونکي بہ ويڙهجو
قُلِيءَ واري ڳاڙهي اجرڪ سان ڪفن ۾.

**

دل جُهريل کي ورِي ٿو جهورين،
ڳالهہ ٽريل کي اڄا ٿو تورين.

مَس مَس باهہ اسان آهي ٺارِي،
ڌُکندڙ ڪاٺيون وَرِي ٿو سُورين.

مَس مَس ڦٽل ڦٽَ اَنگوريا،
ڪچو انگور اَڃي ٿو ڪورين.

چُپِ توکي يـَرَ! ڇاتي لڳي آ،
چَپَ پنهنجا ڇو نہ ٿو چورين.

ڏک سمڻا! توکي ڪنهن آ رَسايو،
حال 'ناطق' سان ڪونہ ٿو اورين.

❊❊

اسان کي سِنڌ سان محبت آ ايڏي،
گهرائي سمنڊ جِي آٿاهہ آهي جيڏي

وڻن کان، پٽن کان، جبل کان بہ وَزنِي،
پڇو ٿا ؟ ٻڌايانوَ ! ڳرِي آهي ڪيڏي

اسان لئہ ڇَپرَ ڇانءَ وَطن آهي سنڌڙي،
گهرُ ترُ اهڃان جو آهي دَرَ جِي ڏيڍِي

رُوح آ اسان جو جسم جيان هِن ۾،
نهارِي نہ هِن ڏي ڪري اک ڪو ٽيڏي

ڪانئر ڪمينو اڃان ڀي نہ مُڙيو
توڻي جو تعدِي ٿِي آهي هيڏي

اسين راند ٻي ڪا نہ سکياسين 'ناطق'،
وطن سان مُحبت وَارِي راند ڪيڏِي

**

ڪندي پيار توسان ويا گذري زمانا،
اڃا تو نہ ڇڏيا رُسڻ هِي رساما.

تنهنجي غمن جا ٿي پاتا مون ڳانا،
خوشي جا لٽائي ڇڏيم سڀ خزانا.

ڪسي وٺين خوشيون تون رُسي ڪوڙ ساريون،
مون ڏي غمَ اچن ٿا خراما خراما.

مزا پيو وٺين ٿو لتاڙي روئارَي،
مِلڻ ڪانہ لنوائين ٿو ڪري ڇو بَهانا.

جفا جا هڻي ٿو تڪي تيرَ تازا،
وٺي روز 'ناطق' جي دل جا نشانا.

**

جَي ڳنڍ ڪپائي ويندا سِين،
ڪي ڪنڍ جهڪائي ويندا سِين.

نئين ڳالھ ٻُڌائي ويندا سِين،
ڪا الک جاڳائي ويندا سِين.

ڪِيني جي بدران پيار ڏيئي،
وِک اڳتي وڌائي ويندا سِين.

ڪري ڳاڙهي رت سان گُل ڪارِي
هَر سينڍ سجائي ويندا سِين.

هُن بيوفا کي دِلڙِي ڏيئي،
پنھنجو پاڻ ڦُرائي ويندا سِين.

هَلي وفاداري جي گسن تي،
سُنو ساٿ نڀائي ويندا سِين.

ڪو راڳ ڇيڙي جانبازيءَ جو
نوان ساز وڄائي ويندا سِين.

سِر ساھ جو سانگو لاهي 'ناطق'،
سُرُ سورٺ ڳائي ويندا سِين.

❊❊

ڏِل وارن جو داستان ڏِلبر آهي ڏاڍو عجيب،
عشق ۾ سڀ ڪجهہ ڦُرائي، پوءِ بہ خوش آهن غريب.

يار پنهنجي ناز ۽ انداز سان گهائي ٿو روز،
ٿلَ ائين ڦُربئون نهاري هَئي مُقدر يا نصيب.

آس ۽ اميد ۾ گذرِي وئي سارِي ڄمار،
ڏُور هوندي پڻ ٿا سمجهن پرينءَ کي پنهنجي قريب.

سونهن وارن جي هٿاران روز ٿيئن ٿا شهيد،
جنهن کي ڳَکيو حُسن وارن، ويڄ تن جو نا طبيب.

هِن ڏُکر جَي دَور ۾ 'ناطق' اڄا گهرجي پيو ڇا،
يار جنهن کي آهي پر ۾ سو ڪيڏو آ خوش نصيب.

❊❊

راتيون جهاڳي سپ ڪجهہ لکيم، جاڳڻ جو هو ڪيل،
جوت جوانيءَ سان گڏ ٻاريم، وقت ڪي سمجهي تيل.

ڳاهي ڳاهہ فِراق ڪيو آ، ڪٽو ڪٽي ڪان ڏار،
لکين حياتيون موت پيلايون، جيئن رڍن جي ڀيل.

هَلندي هَلندي بيهڻ ڪانپوءِ، وک بہ ڪونہ چُرندي،
هيءَ حياتي ائين ٿوَ يارو! آڳ پاٽيء جو ميل.

سزا پي پوري ڀيئڻ واري آ، ڇڏٽو هِي پوندو جيل،
لکِي وٺ 'ناطق' لکٽو ٽئي جَي، وقت ويو چڙ ريل.

❊❊

اسان جي پوندي ناهي ڪڏهن ڪنهن مُلان، مولائيءَ سان،
پڪيڙڻ تا گهرون گهر سچائي ڪي سچائيءِ سان.

ڪيو محبت انسانن سان، انقلاب آڻڻ تا جي چاهيو
ميسارڻ آهي ناممڪن برائيءَ ڪي بُرائيءَ سان.

تِڪو جيڪر ڳالهائي ڪو محبت تنهن سان ڪيو ٻيٽي،
موٽ ملندِي سُني ناهي ڪڏهن ڪنهن ڪي توائيءِ سان.

وِڇيون جي گهٽ ڪرڻ چاهيو ڪيو محبت زماني سان،
وڃن تا فاصلا وڌندا جيئن پوءِ تيئن جُدائيءَ سان.

بندن ڪي خوش ڪيو سچ ۾ ڪري خدمت محبت سان،
خُدا ٻِي خوش ٿيندو 'ناطق' ائين ساري خدائيءَ سان.

**

ڪنهن جي من ۾ آهي ڳِدڙ
ڪنهن جي من ۾ آهي چور.

هنج لاڏاڻو ڪري وَيا هِتڙان،
ٻَري ٻَري ٿا ڏسجن مور.

ڏيئو اُجهامي، اُن کان اڳ ۾،
وَٽِ ڏيئي جي هَر هَر سور.

سُري لوڀ جي روح آ ڪاڏو
جسم ماڻهوءَ جو آهي پور.

ديش سان آهي پنهنجي سچائپ،
ملڪ تي وجهي هر هر گهور.

ماڻهوءَ کان ماڻهو ڪري جو نفرت،
’ناطق‘ سو آهي زنده ’در گور‘.

❊❊

وري پنهنجي دِل کي جلايو آٿم،
غمِ عاشقيءَ کي وَڌايو اٿم.

جفَا ۾ وفا جي ڏِسي هڪ جَهلڪ،
زهر کي بہ اَمرَت بنايو اٿم.

تصور ۾ آهين رڳو تون ئي تون،
ساهہ ۾ بہ توکي سمايو اٿم.

اچي سار تنهنجي جڏهن ٿي ستائي،
اکڙين مان مينهڙو وَسايو اٿم.

بنا ڏوهہ جي مون کي ٿي سزا مِلي،
ڪنان پرت منهن نہ مٽايو اٿم.

رُٺل يار ورهين جو مَس مَس هينئر،
وچي هوريان هوريان ريجهايو اٿم.

لڳي نہ وچي ڪا نظر پيار کي،
ڪري وَس 'ناظورَن' ڪان بچايو اٿم.

پرين هُن جهڙو ناهي 'ناطق' پيو،
هٿان جنهنجي سڀ ڪجهہ ڦرايو اٿم.

**

پرينءَ جي حُسن جا سوين رنگ آهن،
نيڻن جا دِل تي لڳل ڏنگ آهن.

سنگهرن جهڙا اهِي گهُنڊي وارَ ڪارا،
پيرن ۾ ڪڙيون پيل ونگ آهن.

گلابي چَپَن ۾ اڇا اُجرا ڏند،
ڏنڊي جي ڪناري ويٺا ڪنگ آهن.

ڪڏهن تو ڪيڪارين، ڪڏهن تو ڌِڪارين،
محبت ۽ نفرت جا هي دنگ آهن.

بچي ڪو نہ سگهيو شرابي ۽ زاهد،
ادائن ڪان تنهنجي هڙئي تنگ آهن.

تنهنجي حُسن آڏو هِي ’ناطق‘ آ عاجز،
مُک تي ڪي اهڙا چٽيل انگ آهن.

**

هر پَل هر دَم يار سڄڻ جِي،
دِل ۾ آهي سار سڄڻ جِي.

جهوري وئي آ جيءُ جياپو،
محبت واري مار سڄڻ جِي.

مان تہ روئان ٿو رَتَ جا ڳوڙها،
اک آلي آهي ڏار سڄڻ جي.

حُسن جو درياهہ جوش ۾ آهي،
طبيعت ڄڻ منجڌار سڄڻ جي.

پنڌ اِهڙو ڄڻ مور ٽِلي ٿو
موهيندڙ آ رفتار سڄڻ جي.

نينهن نظرن سان گسبو رهبو،
گجلي اک تلوار سڄڻ جي.

واسيَل وارَ عنبيري 'ناطق'
وڻندڙ آ مهڪار سڄڻ جي.

**

مون سنڌڙيءَ لئہ اک کولي آ،
سھڻي سنڌ ۽ سِنڌي ٻولي آ.

تون جنَت جنَت ڀَل پيو چئہ،
مون ڌرتيءَ تي ئي ڳولھي آ.

تون نفرت جو پرچارڪ تِي،
پنھنجي جند اجايو رولي آ.

مان پيار جا موتي ميڙيان ٿو،
سِنڌو جڏھن بہ ھٽندو چولي آ.

تون سَڙندو رھندين ساڙ وچان،
اسان ٻَرِي پيار سان جھولي آ.

جيئي سِنڌ ۽ سِنڌي جيئَنِ،
ڏنِي آمڙ 'ناطق' اِھا لولي آ.

**

ٻُڌ وڏيرا! مَنَ جا ميرا،
ڪپڙا تنهنجا اُجرا، گندا چهرا.

هڻُ هاريءَ جو حق تو کائين،
حق لئه هاڻي تيندئي جهيڙا.

پيٽ تنهنجو چو اجا نه ڀريو،
کائي سمورا ان جا ديرا.

عِزتون لُٽي غريبن جون، تون!
تاڻي وجي، وجائين تو ڀيرا.

همدرديءَ جو روپ ڌاري پوءِ،
’ناطق‘، جلائڻ اچين تو جيرا.

**

ڪنهن سان لنئون لڳائي تہ ڏِس،
پنهنجي دل تون ڦُرائي تہ ڏِس.

پرائي کي پنهنجو ڪرڻ جي لاءِ،
پنهنجو پاڻ وڃائي تہ ڏِس.

مِلنديون آهن جيءَ ۾ جايون،
سچ لئہ ڪنڌ ڪپائي تہ ڏِس.

هر مُشڪل آسان ٿي ويندي،
اڳتي وِک وڌائي تہ ڏِس.

هَلڪو ٿيندو دل تان بار،
بہ ٽي لُڙڪ وهائي تہ ڏِس.

دشمن بہ ٿي ويندو دوست،
پيار جو چنگ وڄائي تہ ڏِس.

سچي محبت ڪڏهن نہ مرندي،
پيار جِي چٽنگ ڏُکائي تہ ڏِس.

اُسرن 'ناطق' ورِي ڪي يادون،
هَٿ سان هٿ مِلائي تہ ڏِس.

**

پُليَل ماٺهو ڏگ سان لڳايو نہ ٿا،
سَنئين واٽ ڪنهن کي ٻُڌايو نہ ٿا.

آهن ڪوڙ ماٺهو سَتايَلَ اڇا،
ڪڏهن دَرد ڪنهنجو وَنڊايو نہ ٿا.

دولت جِي لالچ اٿوَ رات ڏينهن،
ڪِنِي هن عادت کي مَٽايو نہ ٿا.

رَکو ٿا غريبن جو ڪڏهن نہ خيال،
مَسڪينن ڏي هٿڙو وڌايو نہ ٿا.

آفت جي مارين کي مدد جا مِلي ٿي،
انهيءَ کي بہ حق سان ورهايو نہ ٿا.

خبر ٿوَ مليل آهي ظالم کي ڍَر،
پوءِ بہ ظُلم کان لنوايو نہ ٿا.

حَيا جو ذرو بہ توهان کي ناهي،
خدا کي ڇو 'ناطق' ڀاڙايو نہ ٿا.

**

ڪر ڪا ڪِرت اهڙي او يار!
جنهن سان اُسري ماڻهن ۾ پيار.

پڪا پوڙها چاهي ٻيرو جوڙا،
پريت ڪن پيا ننڍڙا ٻار.

بُغض ۽ ڪينو پيار جا وِيري،
نانگ چاٽي پيو انهن کي مار.

مِٺڙي مِٺڙي ڪر ڪا ٻولي،
ٻُڌڻ سان دل کي اچي قرار.

محبتي ماڻهو ميڙي ڪي 'ناطق'،
گهاريو خوشيءَ جون گهڙيون چار.

❊❊

لَپي هيٺان وارِي آهي،
بي شڪ الله بارِي آهي.

رات اونداهي ڪاري آهي،
بِرَهه ٻيي ڦُٽرڻ واري آهي.

مِل جو مالڪ پورهيت ٿيندو،
جنگ اسان جي جاري آهي.

نيت وڏيرا ميٺو ٻوَندئي،
ٻَنيءَ جو مالڪ هاري آهي.

جيڪو ڪمائي سوئي ڪائي،
ڇا جو هارپو حقداري آهي.

ڪمڙي ڪم جا بنگلو ڪار،
امُلھہ هر پاڇاري آهي.

ڪيو هاريءَ جو مان مٿانھون،
ڏاتي ڏاند ڏانداري آهي.

ڪارن جهنڊن جِي گڏجاڻي،
ظالم ڪان بيزاري آهي.

ڳيرو ڪيئي اسان مارايا،
هاڻ ظالم جي واري آهي.

'ناطق' وڏي واڪي چئبو
هاريءَ مُک مُکياري آهي.

**

دلدار جِي ڪنهن ڪي دانهن ڏِيان،
مجبور آهيان، مجبور آهيان.

اکڙين ۾ سدا تون تو وسين،
تنهنجي يادن سان معمور آهيان.

تنهنجو قرب مليو وڏا بخت منهنجا،
پنهنجي عشق تي مان مغرور آهيان.

تو سان خوابن ۾ تو روز مِلان،
ڪٽي سايين ۾ توکان ڏور آهيان.

پلي وَصل جي هڪڙي سُرڪي ملِي،
تہ پيي اڃان سوڏو مخمور آهيان.

توسان پيچ پائي ڪيو ڏوهہ اٿم،
آهي قسم تنهنجو بي قصور آهيان.

مون کي تنهنڻ اُس ۾ ڇانءَ ملِي،
تنهنجي زُلفن جو مَشڪور آهيان.

ڏُکَ 'ناطق' کي تِي چار مِلن،
غمِ عشق سان چِڪناچُور آهيان.

**

قلم ڏئي ڪهڻندو نہ ڪتاب انهن ڪان،
هِي بازو مون آزمائي ڇَڏيا هِن.

ڏارين تهذيبن جي پويان ڊوڙي،
پنهنجا فنَ، ثقافت وڃائي ڇڏيا هِن.

ڏِسِي پراوا بنگلا ۽ محلات، ماڙيون،
پنهنجا گهر ڪکاوان جلائي ڇڏيا هِن.

متان ڪڏهن اسان جو نئون نسل ڳولهي،
مون نقشا پٿن تي ٽنگائي ڇڏيا هِن.

هي رِلهيون، اَجرڪ، گج ۽ هِندورا،
ڪچي پنهنجي گهر ۾ سجائي ڇڏيا هِن.

ڪيم قول جيڪي بہ ساٿيهہ سان 'ناطق'،
هڪ هڪ ڪري سي ڀُلائي ڇڏيا هِن.

**

تنها تنها هِي هڪڙو ساهہ،
سورن جِي آ ڪاهہ تي ڪاهہ.

جيڪي اوهين شعر ٿا سمجهو
ڪوڪون، سي اندر جي باهہ.

هُن ئي تہ دولاب ڏِنو آ،
جنهن تي منهنجو هو ويساهہ.

پيڙا جو آءُ دوست آهيان،
خوشين جو نہ مون سان ناهہ.

خوشحاليءَ ۾ سڀ ڪو ساٿي،
ڏکڙن ۾ نہ ڪو همراهہ.

انهيءَ هيڪل عرش ڪنبايو
جيڪا نڪري اندر مان آهہ.

’ناطق‘ ڪهڙي ڪم جي آهي،
جنهن چاهت ۾ ناهي چاهہ.

**

ڏونگر گڏجي ڏارڻ گهرجي،
آئي بلا کي ٽارڻ گهرجي.

مِلي غريب کي جنهن سان آٿت،
وائي اِهائي وارڻ گهرجي.

جنهن بہ جاءِ تي ظالم ڏِسجي،
باهہ سان ان کي ٻارڻ گهرجي.

دهشت گردن آهي ننڊ ڦِٽائي،
ڳولهي تن کي مارڻ گهرجي.

مُلڪي ايڪو ۽ قومي ايڪتا،
سوچ انهيءَ ۾ گهارڻ گهرجي.

قوم اڃا پِي غافل آهي،
ننڊ مان ڪيس اٿارڻ گهرجي.

’ناطق‘ گڏجي ڏُک هنڊايون،
ويڇا دوئي وسارڻ گهرجي.

**

ايڏو سهڻو، سهڻو آ منهنجو صَنم،
ناهي ڪو بہ اهڙو خُدا جو قسم.

مَن موهِڻي صورت جي هيڪر ڏِسي ڪو
تہ جيون جا سارا لهي ويندا غم.

چنڊ جهڙي روشن چهري جي آڏو،
لڳن ڏاڍا سهڻا تا زلفن جا خم.

مَنڊ پريون نظرون جڏهن تو ڦيرائي،
ڦاٿي تو سينو ۽ رُڪجي تو دَم.

ڪٽڪائين رنگت سان ڏاڍو وڻي تو
'سَرُوءَ' جهڙو ستهڙو جُسو ۽ جسم.

گلن جهڙي نازڪ، نازڪ لبن تي،
پونئري کي 'ناطق' پُلندي ڏنم.

❋❋

جڏهن پيي ڪلين تِي اُجالا تا ڏِسجن،
تنهنجا ٽمڪ سڀ ڪان نرالا تا ڏسجن.

خُماريل اکين ۾ آهي ڪيڏي مَستي،
ٽُٻتار مَنڊ سان پيالا تا ڏسجن.

ديد ۾ مرڪ تنهنجي ايڏي تِکي آ،
دِل ۾ لڳل تِيرَ ڀالا تا ڏسجن.

دِل منهنجي وَس ڪان ٻاهر ٿئي ٿي،
تنهنجا نيڻ جنهن مهل ٻہ آلا تا ڏسجن.

غزلَ وائيون تنهنجا چيل شعر 'ناطق'
اکريل سڀ صنم جا ئي نالا تا ڏسجن.

❊❊

گهُليو اتر جو آ واءُ،
آءُ او ساجن اوري آءُ.

پنهنجي بَي وَس نينگر لاءِ،
روئي ويچاري هيڪل ماءُ.

ڪيئن وسارَيان نٿو وسري،
جيءَ جگر جو گهرو گهاءُ.

نڪري محبت پنهنجن مان وئي،
ياءُ جو ويري آهي ياءُ.

سيڪو ٻڌجي ويو آهي سير،
پاڻ کي سمجهي ڪوئي نه پاءُ.

پاچولي جيان ماٺهو ڏِسجن،
ٻُڏجي رڳو ٿو پٽ لاءُ.

’ناطق‘ جيڪو ماڻُ گهٽائي،
ناهي چڱو اهڙو تاءُ.

❊❊

وفائن جي بَدلي وفائون گهُران ٿو،
ٿيان نہ جُدا هِي دعائون گهُران ٿو.

خُدارا نہ مون کي ڇڏجو ڌِڪاري،
ڪرڻ رُوبَرو التجائون گهُران ٿو.

هَٺو زُلف زنجير جون هَٿڪڙيون ڪي،
اِهي تنهنجي طرفان سزائون گهُران ٿو.

رڳو تنهنجي زلفن جي واسيان پيو سُرهاڻ،
پيو ڪجهہ بہ توکان نہ آئون گهُران ٿو.

جنهن مان وَڌي توسان قُرب ۽ محبت،
اهڙيون ڪرڻ هَر هَر خطائون گهُران ٿو.

پيئڻ سان ٿئي درد محبت سَوايو
پرين درد واريون دوائون گهُران ٿو.

جفا جي اَدا تي چُڪي آ پراٺي،
’ناطق‘ نيون ڪي ادائون گهُران ٿو.

❊❊

ڇَري دل توکي ٿيو ڇاهي؟
منهنجي لئہ تو ڪيو ڇاهي؟

ڏاڍي مون کي بيقراري آ،
هِي محبت ناهي تہ ٻيو ڇاهي؟

مان تو تڙپان هُو پريشان آهي،
ٻنهي کي ٿيندو اِهو ڇاهي؟

پڇيومانس: ”وري ڪڏهن ملندين“،
چيائين ورائي تہ ”مون ڇيو ڇاهي“؟

ڪَسي دِلڙي ’ناطق‘ پُڇي ٿو مون کان!
ٻُڌاءِ تہ تنهنجو ويو ڇاهي؟

❊❊

اسان کي تنهنجي يار ياري تي گهرجي،
سندم عشق جِي بيقراري تي گهرجي.

ڦاٽي اهڙو ڪو محبت جو 'ايٽم'،
چئني پاسي 'تابڪاري' تي گهرجي.

مَتل موج مَستيءَ منجهان محفلون،
سَرسبز سَدا سِنڌ ساري تي گهرجي.

وڏي ويجهي سارو اسان جو وطن،
وطن ۾ گلن جي گلزاري تي گهرجي.

نفرت نياڳي آ نهوڙي نوايو
سَتر سچا سائين! سَتاري تي گهرجي.

گهر گهاٽ هُوندي به آهيون لاچار،
پنهنجي گهر تي پنهنجي اختياري تي گهُرجي.

گهُرندا اچون تا ملي ڪا نه پئي،
اسان کي صوبائي خود مختياري تي گهُرجي.

جَتي سَتي 'ناطق' هر ڪا سنڌياڻي،
ماروي جهڙي هر ڪا ناري تي گهُرجي.

**

اچي ٿو پيار نيڻن تي،
کُسڻ لئہ تيار نيڻن تي.

ڳل، نڪ، چَپَ کي ڇڏيو
ٿيون ٿا نثار نيڻن تي.

موسم گل جي جڏهن ناهي،
ڪيون ٿا پسار نيڻن تي.

نشو ايڏو نظر ۾ آ،
چڙهي ٿو خمار نيڻن تي.

ڪجي ڇا ڇا 'ناطق' قربان،
خود سَر، خودار نيڻن تي.

**

اهڙو تہ احساس ڇڏي ويو
اکين ۾ الماس ڇڏي ويو.

ڪن لاءِ پنهنجا زلف پڪيڙي،
سهڻو، سهڻو واس ڇڏي ويو،

نيڻ ملائي نظرن سان منهنجي،
اڻپورو اپياس ڇڏي ويو.

دردِ فراق جلائي ويو جيرا!
روڙي بُت جو ماس ڇڏي ويو.

’ناطق‘ ويندي ويل نماري،
وَري مِلڻ جي آس ڇڏي ويو.

**

سِندُ تہ آهي سُورن ماري،
ڏک ۾ آهن هارِي نارِي

پاڻي بوند لئہ سڀ ٿا تڙپَن،
درياہ مان تِي اُڏري واري

اوتڙ پيي چو رُسي ويا هِن،
نٿي وَسي ڪا بوند بهاري

جيءَ جياپو گهارڻ جي لئہ،
جنگ اسان جِي آهي جاري

ويندا سُور ۽ سختيون 'ناطق'،
نيٺ ڪٽائبي رات هِيءَ ڪاري

**

چنڊ جي چانڊاڻ هئي،
هوءَ ٻيي مون ساڻ هئي.

هُن جي هوندي پاڻ کي،
ٻئي نہ ڪنھنجي ڪاڻ هئي.

سونھن جي چا ڳالھہ آ،
مَتَ پنھنجو هوءَ پاڻ هئي.

چپَ گلَ گلاب جا،
مُرڪن ۾ سُرهاڻ هئي.

قرب واري وهنوار ۾،
پر اجا اڻڄاڻ هئي.

ويندي ويندي بہ 'ناطق'،
تي ڏاڍي چڪتاڻ هئي.

**

سِنڌ سلامت، ساهہ سلامت،
جيت جٹو گند گاهہ سلامت.

ٻِڻون برپٽ، باغ، باغيچا،
سِنڌو ساگر، درياهہ سلامت.

سنڌي ٻولي سُگهنڌ ڀَکيڙي،
سامي، سچل، شاهہ سلامت.

رهن سدائين واهڙ وهندا،
نارا ڍورا واهَ سلامت.

ايرا سَيرا هاري ناري،
چَوَن سَدا واه واه سلامت.

سنڌڙي تنهنجي وَٽن ٽِٽن جا،
’ناطق‘ رهندا لاهہ سلامت.

❋❋

هي هڪڙو دلبر يار سان، آجام مُون ڪيو
سِر ساھ هِي دلبر يار جي آ نام مُون ڪيو.

شُهرتِ دَوام سان گڏ وِساريَم وجود کي،
پنهنجو پاڻ دلدار لئہ گمنام مُون ڪيو.

اي يار! تنهنجي راھ نہ منزل جِي پئي خَبرَ،
شِدّت سان انتظار تي هَر گام مُون ڪيو.

آسن اُميدن جا ڏيئا ٻاري رکيم هر سانجهہ،
تنهنجي اچڻ جو آسرو هر شام مون ڪيو.

عشق جو تي مُفتي مان هِي فتويٰ آ ڏني،
دغا ۽ دوئيءَ جي جرم کي حرام مون ڪيو.

تو سان مِلڻ جِي 'ناطق' چاهت جي زور سان،
ناڪاميء کي هر حال ۾ ناڪام مون ڪيو.

❋❋

اوسيئڙو پيو تنهنجو قيامت حشر آ،
وڇوڙي جو دِل تي مون رکيو پٿر آ.

سهڻ سُور سختيون غذا ٿِي آ منهنجي،
پلي ڪر جَبرَ تون اسان جو صبر آ.

رقيبن کي ڪهڙي خبر منهنجا سائين!
پرين، جيڏو مون وٽ اوهان جو قدر آ.

پَري پيو رهِي جي صنم پيا ٿا ساريو
خوشيءَ جي هِيءَ مون لئہ وڏي ڪا خبر آ.

دل ڏيئي توکان تنهنجي دلڙي وٺون ٿا،
گهاٽو ناهي ڪو هي سودو سَربسر آ.

ديوانو پيو ناهي ’ناطق‘ آهي رولو،
ڪيو پيار تنهنجي سهڻا! در بدر آ.

**

جيڪي بہ آهن پيار وارا،
ڏوهي سي ناهن پيار وارا.

نفرت جي بدران پيار ڏئي،
دليون تا ناهن پيار وارا.

ڏرتيءَ تي محبت جي پوک پوکي،
تورا تا لاهن پيار وارا.

جت شڪ تيندن سچائيءَ ۾،
مڙهيون سي ڊاهن پيار وارا.

دِل درياه انهن جي آ 'ناطق'،
ڪن تا جو چاهِن پيار وارا.

❊❊

روشن روشن تنهنجون اکيون،
منهنجَي مَن مِحلات جون بتيون.

انهن اکين جا جيڪي بہ گھايل،
پَرن ويچارا تو وٽ مَٿيون.

جا ڪٿون نظرون تو تي ڪتيون،
هيڏي هوڏي وَرِي نہ هٽيون.

ڪڏهن تہ مِهرَ جو مينهن وسائن،
ڪڏهن تہ آهن وِهَ جون وٽيون.

اِهڙو هنيو ٿَئي تير نظرَ جو
جَگر ٽيو آهي چَتيون چَتيون.

نيڻ سان نيڻ مِلائي 'ناطق'،
پريَنءَ پڙهايون پيار جو پٽيون.

❊❊

سوچن کي بہ سوچون آهن،
عشق وارن جو پوکون آهن.

نيڻن مان جي نار وهن ٿا،
درد جگر جون موکون آهن.

مَتان راند عشق کي سمجهو
سور سوليءَ جون نوکون آهن.

آگ اندر جي شعر بڻايا،
’ناطق‘ جون هِي لوچون آهن.

❊❊

گهڙي ڪن اَچين ها، تہ چا ٿِي پَوي ها،
صنم تنهنجو وعدو بہ وفا ٿي پوي ها.

بي نور منهنجي، نگاهُن کي هِڪدَم،
نئين روشني ڪا عطا ٿِي پوي ها.

گهڙي ڪن جي لاءِ بہ سامهون اچين ها،
منهنجي مرض جِي سا دوا ٿي پوي ها.

پوين پساهن ۾ گهران پيو دعائون،
پوري مِلڻ جي دعا ٿي پوي ها.

اَچي تون جي سيني تي هَٿڙو ڦيرائين،
سگهو رُوح تن کان جدا ٿي پوي ها.

’ناطق‘ سان هڪڙو لفظ جي ڳالهائين،
تہ ’حاتم‘ کان وڌ هي سخا ٿي پوي ها.

**

جنهن سان لَئون لڳايون تا،
تنهن سان توڙ نڀايون تا.

هِڪڙي سانول لئہ آ اڻ ٽُڻ،
ٻئي ڏي ڪو نہ واجهايون تا.

سڄڻ جِي تا پوڄا ڪريون،
عاشق اسين سَڏايون تا.

عشق اسان جو اَمَرُ اَلَستِي،
ڪچو ڪين ڪمايون تا.

آندران پچون ڪوري وانگر،
دونهون درد لِڪايون تا.

وَسيو رَسيو ساهہ ۾ سوئي،
تند تنبورو وڄايون تا.

تنهنجو آهي تنهنجو 'ناطق'،
ڪولي اڄ ٻُڌايون تا.

❊❊

سونهن لِڪائڻ جِي شيءِ ناهي،
سونهن وچائڻ جي شيءِ ناهي

اها تي پنهنجو پاڻ ڳالهائي،
چئي ٻُڌائڻ جي شيءِ ناهي.

سونهن سيني کي وٽندِي آهي،
زوريءَ وٽائڻ جي شيءِ ناهي.

سونهن عنايت آهي خُدا جِي،
وندڻ ورهائڻ جي شيءِ ناهي.

سونهن آهي سينگار عالم جو
ڳچيءَ پائڻ جي شيءِ ناهي.

سونهن تہ آهي ذات خُدا جي،
لڪائڻ چورائڻ جي شيءِ ناهي.

سونهن دَم ديدار لاءِ آهي،
هَٿ لڳائڻ جي شيءِ ناهي.

سونهن کي وڪرو ڪيو نہ مُورک،
اِها ڪپائڻ جي شيءِ ناهي.

گهُري تي سونهن قرباني 'ناطق'،
مُفت ڦٻائڻ جي شي ناهي.

**

ڪُوڙ جا ڪوٽ ڪيرائيندا سِين،
ڏاڍ جا ڏونگر ڏاريندا سين.

سَچ جِي جوت جلائي يارو
ٻُڌ ڪوڙن جو ساڙيندا سِين.

جاڳي پيو مظلوم جي هيَڪر،
نئون ڪو سج اڀاريندا سين.

ڏاڍ ڏمرَ کي آخر ڪار،
پيرن هيٺان لتاڙيندا سِين،

وطن اسان جو اعليٰ آرفع،
هِن جِي سِينڌ سَنواريندا سين.

ميري اک ڪري جو ڏِسندو،
مار انهيءَ کي ماريندا سِين.

ساهه کان پيارو ديس اسانکي،
جان جگر ٻِي واريندا سين.

غفلت ۾ آهي هارِي ناري،
ننڊ مان ڪيس اُٿاريندا سِين.

دشمن تنهنجا ڄيجل سارا،
ميڻ بتي جيان ڳاريندا سين.

ڪاتي هيٺ جَي ڪنڌ ٻه هوندو،
جُرئت سان نهاريندا سين.

ڦيڪائي مان پاڻ ڇا ڇاڻو،
شمع پيار جِي ٻاريندا سِين.

پيار محبت عام ڪندا سين،
ڦُرب سان ڏيهه اجاريندا سين.

**

وَري ڏِل ۾ سور سامايا ڪي،
ڪجھ وِسريَل ياد پيي آيا تي.

جا گھڙي خوشيءَ جي مون گھاري،
سا گھڙي موٽائي مون کي ڏي.

تيون رُوح رهاٽيون توسان جي،
ڏاڍو مُشڪل آهن، وِسرن سي.

اهو هوندو مون سان قُرب وڏو
گھڙي ڪن لاءَ مون وٽ ايندين جي.

پيو ڪنهن سان 'ناطق' سورَ سَلي،
شَلَ! تو وٽ منهنجو عرضُ اگھي.

**

يقين اٿم ڪو نہ ايندو پو بہ انتظار ڇو آهي!
چِلولَي هن يار سان مون کي پيار ڇو آهي!

قُرب جيڏو مون ڏنو ڪونہ ملندس ڪنهن وٽان،
پوءِ بہ هُو رقيب جِي ڳچي جو هار ڇو آهي !

خَبَر ٿَس رَقيب آ، دل سان پائينس ڪونہ ٿو
مون کي ساڙڻ لئہ صنم، ٿيو هُن جو يار ڇو آهي!

رات ڏينهن مان تورڙان، بيوفا جِي ياد ۾،
الائي ڪهڙو ڏوهہ ڪيم، مون کان ڏار ڇو آهي!

ڦُڙو ڦُڙو پاڻي جو بہ، پٿر کي ڳاري ٿو سگهي،
’ناطق‘ اڃا تائين بي اَثر، تنهنجِي پُڪار ڇو آهي!

❊❊

نينهن نظر سان ڳڪي ويو آهين،
مَت سَموري کسي ويو آهين.

حريفِ وصل اي! ظالم وڇوڙا،
محلاتي اهڙي ڪا رَکي ويو آهين.

مِنٿ ميڙ گندي ورهيہ ٿيا،
دردِ فراق! مَسي مَسي ويو آهين.

خُدا بہ توکان سِوا ياد ناهي،
واٽ اهڙي تہ اوکي ڏَسي ويو آهين.

حُسن و عشق جي ابدي جهيڙي ۾،
حُسنَ! ورِي بہ کٽي ويو آهين.

اسيرِ زُلف اُڏامي نہ سگهندو،
پوءِ ڀي پَرڙا پٽي ويو آهين.

جُرّئت عشق ۽ جذبي کي سلام 'ناطق'!
مَقتل ڏي بہ شهپَر وٽي ويو آهين.

**

ابهرائي ۾ ڪانهي ڪا،
درد وارن جي ڳمي.

آشڪ اهڙا خُشڪ ٿيا جو
ختم ٿي وئي سڀ نَمي.

عِشقَ جِي ميراث سمجهو
درد، دانهون ۽ غمي.

تاب ڪا ناهي ٽڪڻ جي،
اهڙي پرينءَ ۾ سَنسَني.

نظرون 'ناطق' سُڪ ٿيون،
جِت ويون هيڪر ڄمي.

❊❊

زندگي موت جي امانت آ،
فنا ۾ بقا جي ضمانت آ.

پئي خطا حضرت آدم کان،
آدمي کي اڄ تائين نِدامت آ.

در اصل، جنت ۽ جهنم بئي،
جزا ۽ سزا جي علامت آ.

پوءِ اِچي به ٿيو امامُ الانبياء،
انتها ڪئي ابتدا جي امامت آ.

هي دُنيا ته مُسافرخانو آهي،
سمجهو ٿا گهر! حيف آ، ملامت آ.

چار نيڪيون ڪمائي وچ 'ناطق'،
نيٺ ته اُچٽي قيامت آ.

**

هِي سنڌ سموري شيرن جِي،
آهي مانجهي مُڙس مٿيرن جي.

رهن دودا دولهہ تا هِتڙي،
آهي ڏرتي هوشوءَ جهڙن جي.

آهي ٻچو ٻچو شهباز جيان،
ڪا جاءِ نہ ڪانون ڳيرن جي.

درويش، سچل، شاهہ لطيف جَهڙا،
آهيون خاڪ انهن جي پيرن جي.

سڀ ڏونگر پاڻ ئي ڏريون پيا،
ڏِسي دهشت، دِل دليرن جي

متان سمجهي ڪو ڪمزور آهيون،
ڪيون ڳالهہ تا ڳالهہ نبيرڻ جي.

تون ’ناطق‘ نينهن نياپو ڏي،
ڇڏ ڳالهہ هِي جهتن جهيڙن جي.

**

پنهنجن بہ منهنجون لڏيون ڪو نہ سارون،
ڏارين ڪي منهنجون نہ آهن پچارون.

چڏي مون کي رڻ ۾ ويا جي ڪي هَليا،
ڏيان ڪهڙيون ڪهڙيون انهن کي ميارون.

تنهائيءَ ۾ مون سان سدا گڏ رهن ٿيون،
غمن گوندرن جون قطارون قطارون.

آ بحر عشق جي اصل کان هي عادت،
تنهن کي ٻوڙي جيڪو آهي تارون.

محبت تہ جنهنجي ڪيو آهي روڳي،
هَٽن ۾ انهيءَ جي شفا وارو دارون.

عاشق جي الستي رهڻ منجهہ مَستي،
عقبا جون سي ئي رکڻ خبرون چارون.

سچا پريمي آخر تہ سوڀون ٿا ماڻن،
ڪچا ڪوڙا گهٽين ۾ کائن ٿا مارون.

سڻو غزل 'ناطق' چئي کو ٻُڌائيم،
اچن خُشڪ جيون ۾ جنهن سان بهارون.

❊❊

تون جي رُسين تو پيارا،
روئن ٽا چنڊ ۽ تارا.

ماتامي آهي بُلبل،
ڪومائجن ٽا گلڙا سارا.

غمگين تہ ٿي غزالن،
وڃايا ٿي پنهنجا چارا

چُپ چاپ ساز سرندا،
خاموش ٿيا يڪتارا.

پرجي آيا ڪي اوتڙ،
ٿيندا وَري وسڪارا.

پَرچي پرين جي پيارو
پسان وري نظارا.

مِلي جي سهڻو هيڪر،
لهن مونجهہ ۽ مونجهارا.

روا ناهي ائين 'ناطق'،
ڪرين تو جيئن ڪنارا.

❊❊

محبت مِني آ ڏاڍي محبت مِٺي آ،
جئين مون پڏو هو تئين مون ڏٺي آ.

محبتي ماڻهو سدا جيءَ ۾ رَهن ٿا،
محبت ڪان وانجهيل جيڪي، تن جي ڦِٽي آ.

محبت آهي روپ اصل زندگيءَ جو،
هِن ڪانسواءِ ماڻهو مِٽي جو مِٽي آ.

حياتي محبت سان ئي جنت ٿي بڻجي،
دوزخ ٿِي پوندِي، جي ٽِرَ جي وٿي آ.

'ناطق' محبت پنهنجي پڏري چٽي آ،
نفرت سان پنهنجي يارو ڪِٽي آ ڪِٽي آ.

***

نچڻ ڪُڏڻ جي راند رچايون،
نچ منهنجا سهڻا جيئن نَچي مور.

تارن جِي محفل ۾ تي ٻهڪي،
رات جِي راڻي نئين نڪور.

هوريان هوريان رات ڇُري ٿِي،
ٻاڪ جي دِل ۾ آهي ڪو چور.

قُرب ونڊائڻ اڄ جو نہ آيا،
تڪجي پيا هِن چنڊ چڪورا!

جيون ڦيرو لاتونءَ جهڙو،
’ناطق‘ هٿ ۾ نہ لاتونءَ ڏور.

**

نہ تِي سُجهي ڪا اهڙي هَستي،
ڪري مون سان جيڪا من مَستي.

اسان تہ عشق پيالو پيتو
آهيون ازل کان مَست الستي.

هاڻي ڪُنَن سان تيندا جهيڙا،
اسان بہ ٻوڙي ڇڏي آ ڪشتي.

ٻَري مَنڊَ مان هِڪڙِي سُرڪي،
چو تا شهرت ماڻيو سَستي.

جتڙي مئي عشق پئي مِلندي،
اُتڙي دِل وارن جِي بَستي.

اوڏر جنت ، دوزخ 'ناطق'،
هِت سودو آ دست بَدَستي.

**

محبوب مٺا مَنَ ٺار
ظالم نظرن سان نہ مار.

آهن تير جگر کان پار
سهنلو ڪير هي تنهنجا وار.

گهُرجي پَل پَل تنهنجو پيار
ڏاڍي دلڙي آ لاچار.

آهيان قُرب جو ڪُٺل يار
جيئڻ توريءَ آ بيڪار.

وَڄي دل ۾ تنهنجي تار
وهن نيڻن مان ٽا نار.

پيري قُرب جو جام پيار
وري ٿِي نہ مونکان ڏار.

هاڻي چِڏ ڪٽي تڪرار
ڪاٽي وڄي مينگهہ ملهار.

'ناطق' تنهنجو آ بيمار
پيو لهجانءِ هِنَ جي سار.

**

چئي بيوفا جڏهن تو مون کي پُڪاري،
ڄلائي تو جيرا ۽ جيئري تو ماري.

محبت جِي ٻيڙي ۾ چڙهي ويٺو آهيان،
مرضِي سجڻ جي ٻوڙي يا تاري.

گهڙي جي ڇت تان ڏسان روز ڙاهون،
ڇڏيم ائين ڪئي راتيون گذاري.

اها ديد مون لاءِ تہ هوندي مَسيحا،
مِهرَ جي نظر سان جي ساجن نهارَي.

اسين آهيون 'ناطق' هٿ وَس انهيءَ جي،
مرضي سجڻ جي چاهي ماري جيئاري.

❊❊

اي يارا ڏئِي پيار تو احسان آ ڪيو
هِن زندگيءَ دُشوار کي آسان آ ڪيو.

گهُريم تي جيڪو پيار سو مِليو مونکي گهڻو
سڀ ڪجهه سهڻي دلدار هي خود دان آ ڪيو.

زندگي تِي زهر وئي هئي پيار کان اڳي،
جيئڻ جي لاءِ منهنجي سڀ سامان آ ڪيو.

بدبختي منهنجي بخت ۾ تبديل تِي وئي،
ساڙولن مُنهنجي ياڳ تي ارمان آ ڪيو.

جيڪو منهنجي پير ۾ نہ بيهڻ لئہ هو تيار
تنهن يار پنهنجي گهر مونکي مهمان آ ڪيو.

جي هن سڄڻ مون کي رڳو هڪ دِل آهي ڏني،
مون دِل جگر جيرا مغز قربان آ ڪيو.

ڳولهي آيتون مان پيار جون پڙهندو آهيان ضرور،
چهرو مون 'ناطق' يار جو قرآن آ ڪيو.

**

چو منجهيو آهين يارا ؟
رک حوصلو کو پيارا.

جي رات آ اونداهي،
رستو تا ڏَسن تارا.

سيني تي چِٽيل آهِن،
ساٿيہ جا سڀ چارا.

هارائڻ پيي ٿيندو آ،
ايندا کٽڻ جا بہ وارا.

سَي سوڀارا ٿيا 'ناطق'،
هنيا نينهن جا جن نعرا.

❊❊

ڪري وٺ دِلڙي يار لاءِ جو ڪجھ ڪرڻو آ،
دنيا ھي ڇڏڻي پوندئي آخر مرڻو آ.

چون ٿا پيار محبت ھڪڙو جھيڙو آ،
دل، دماغ سان ضد ڪري ٿي، لڙڻو آ.

پيار تہ آھي اھڙو ساگر ڏکڙن جو،
ٻوڙي اکيون، لھي انھيءَ ۾ ترڻو آ.

ھَٿ ٻَڌي آ بيھڻو يار جي خدمت ۾،
لُڇڻ ڪُڇڻ بنا يار جو پاڻي ڀرڻو آ.

رُکي حياتي ھوندي آھي پيار بنا،
پيار ڪرڻ کان 'ناطق' مُور نہ ٽرڻو آ.

**

هِيءَ جا باهه چوڏاري آهي،
پاڻ اسان ئي ٻاري آهي.

هن مُلڪ ۾ سياست هاڻي،
ٺڳي، چوري، چٽو ياري آهي.

ناري پاڪُ پَوتر آهي جا،
تنهن کي چون ٿا ڪارِي آهي.

غارن واري دَور جيان ئي،
اڃا ٻي سِنڌ جي ناري آهي.

پنهنجي ديش جو هر ڪو ماڻهو،
'ناطق' ڇو ڏوهاري آهي.

❊❊

هوءَ جو اُٺ قطاري وئي،
ٻاھہ برھہ جِي ٻاري وئي.

منھنجي مَن ۾ مَچ مَچائي،
پنھنجِي آڳ ھُو ٺاري وئي.

’پتنگ جئان پَچ تہ چاڙھان‘،
نئون ھِي سبق سيکاري وئي.

جيون جو سَرمايو ٿِي ويا،
گڏ لمحا جي گھاري وئي.

ھِجَر وآوو ھڪ درد نرالو
ھينئڙي منجھہ اُتاري وئي.

اجان تائين ’ناطق‘ آھي وِياڪل،
اِھڙا گيت جھونگاري وئي.

❋❋

ڏکڙن ۾ ساھ ڪٺو تہ ڄاڻان،
ڪجھ ٻين کي وَٺو تہ ڄاڻان.

پنھنجن لئہ تہ سڀ ڪوئي پوکي،
پوکيو ٻئي لاءِ ڪٺو تہ ڄاڻان.

ڳوڙي هار هَٽي تو هر ڪوئي،
هار سچي ڪا هٽو تہ ڄاڻان.

پنھنجو پاڻ وڃائڻ ڪان پوءِ،
لُوڙِيو اڃان بہ گھٽو تہ ڄاڻان.

مِٺو ميوو ٿِي وڻ جو 'ناطق'،
بنا ڏوٽي جي ڇَٽو تہ ڄاڻان.

❊❊

پرين جڏهن بہ سَنيري ٿَمي آيو
اڱڻ تي چڙ کو چنڊ لَهي آيو.

لبن تي لالي ۽ اکيون ڪڪوريَل،
حُسن چوليون ڏيندو سمنڊ وَهِي آيو.

چنڊ ڏِسڻي ڪاميڻي جيان هئو اوسيئڙو
جيسين نہ دلبر مون وٽ ڪهي آيو.

مُرڪُون مُرڪندي جڏهن بہ هُو آيو
خوشين جي چڙ تہ ڪٽي ٿهِي آيو.

پرينءَ جو نياپو نينهن وارن جي لاءِ،
آسمان کان چڙ تہ لَهي وَحي آيو.

عشق جڏهن بہ حُسن تائين پهتو،
سُور کهڙا نہ هو سهي آيو.

ياڪر ۾ اڳ بہ تہ ايندو هو 'ناطق'،
آيو تہ اڄ بہ مگر ٿهِي آيو.

**

ڄاڻي واڻي ڳالھ تو ٽارين، يار محبت وارن ڄِي،
سِڪ سنگت سان ساٿ سلامت، پيار سعادت وارن جي

سي جيڪو بہ ساھ ڪڍن ٿا، يار جي نانءَ ڄِي هام هڻن ٿا،
يار! اها بہ آهي عبادت عشق عبادت وارُن ڄِي،

دِل سان ٿيندي آهي محبت، لِک پڙھہ سان نہ ٿيندي آ،
سچ چوان تہ آ اٽپوري، 'خط و ڪتابت' وارن ڄِي،

ڪوڙ ڪي سچ بنائڻ جي لئہ، ڪيڏو تہ ڪوڙ ڳالھائن ٿا،
ڪيڏي ڪِني هِي عادت آهي ڪوڙ جي عادت وارن جي،

'ناطق' پنھنجي آهي نيابت سو نھن سيادت وارن سان،
پاڻ ڪي مِلي حفاظت آهي، قرب قرابت وارن جي،

**

محبت جِي سُرهاڻ سِنڌ ۾،
چنڊ جي چانڊاڻ سنڌ ۾.

رُوپا ماڙِيون ۽ ڪاڪ محل به،
محبت جا اهڃاڻ سنڌ ۾.

نوريون آهن سَما به رهندا،
ڪينجھر ۽ ممراڻ سنڌ ۾.

سُورهيه دودي ۽ هوشوءَ جهڙا،
وک وک تي سرواڻ سنڌ ۾.

سنڌ مان ملندا ماڻڪ موتِي،
ڏاهن جي آ کاڻ سِنڌ ۾.

ناريون سُونهن ۽ سيرت واريون،
جَتيُنْ جي واکاڻ سِنڌ ۾.

محبت وارِي رمز ڪان 'ناطق'،
ڪو به ناهي اڻڄاڻ سنڌ ۾.

**

# غزل

## (سرائيڪي)

تيڏي جهوڪ وَسي، تيڏا لوڪ وَسي،
تون آپ وسين، ميڏا سائين!

تيڏي نال جهُلان، تيڏي نال رَلان،
هٿ آپ نَپِئين، ميڏا سائين!

رَس گملِي تائين، ڇاتي نال لائين،
مين تِين نظر رکين، ميڏا سائين!

ساڏي حال مندي، اسان ٻئون گندي،
’ناطق‘ تائين رَسين، ميڏا سائين!

❊❊

اسان مٿان ڌرتيءَ جو جيڪو بہ قرض آ،
لاهڻ اهو اسان مٿان لازم ۽ فرض آ.

ڪاوان تو سِنڌ جو مان، ڳايان پيلا نہ ڇو؟
سِنڌڙي سان محبت جو لڳو سهڻو هي مرض آ

صَدقي ٿيان جي سِنڌ تان، گهُرجي مونکي ٻيو ڇا!
سوڀارو ٿيئان ميدان ۾ ٻي ڪا نہ غرض آ.

مُٺي پڇاڻان سنڌ جي مِٽي ۾ مان مِلان،
پَروَردِگار جي اڳيان هِي منهنجو عرض آ.

جَنت جي دريائن مان 'ناطق' سِنڌو بہ هڪ آه،
جنت جهڙي سنڌوءَ جي ڌرتي هي ارض آ.

**

محفل ۾ اڳيان غير جي رهجي وئي آ پَت،
نہ تہ مان سامهون يار جي وڃان ها ٿي خوار.

پنهنجِي وفا جو پاڻ مان ڪيئن ڪيان بيانُ،
منهنجِي وفا جي شاهدِي ڏيندو آ منهنجو يار

هُن کي نصيحتون ڪندڙ آهن ڪي بيوقوف،
منهنجي نظر ۾ يارو هُو ناهي ڪو ننڍڙو ٻار.

ڪيئن بچائي ٿا سگهو اُن کي ڀلا توهين !
جيڪو ٻُڏڻ جي لاءِ پاڻ وينو آ ٿِي تيار.

رکجانءِ ڏيان ۾ 'ناطق' لفظن جي ڪاٽ کي،
چوندي چوندي ڏاريو ڪِٽ ٿِي نہ وڃي ڏار.

**

ڪامياب زندگيءَ جا ٽئي سونهري هي اصول،
هوش کان ويندو نہ ڪر ۽ جوش ۾ ايندو نہ ڪر.

دوستي ۽ دُشمني آهن ٻئي برجُستا ڳم،
پائبي ڪنهن سان نہ ڇن، دُشمن ڪنهنجو ٿيندو نہ ڪر.

ٿي سياڻو يار جاني! ڳالهہ ٻڌجي غور سان،
جنهن ۾ جوکم جيءَ جو، تنهن واٽ ڏي ويندو نہ ڪر.

تَڪي توري ڳالهہ ڪر ۽ ٻئي جَي گفتي کي بہ ٻڌ،
ڪوڙڪي مچيندو نہ ڪر ۽ ڪوڙي سان نيندو نہ ڪر.

ٿو زندگي آرام سان 'ناطق'! گذارڻ جي گهُرين،
قرض ڪنهن کان ڪڍندو نہ ڪر قرض تون ڏيندو نہ ڪر.

***

ڏينهن رات اٺ سونهين پنڌ ۾ ئي رهان ٿو
ڳولهيان ٿو وچايل ڪا متاع جا ڪو نہ لهان ٿو.

هو جهيڙو جوانيءَ سان جهيڙيندي ئي گذاريم،
هِن پيريءَ سان پِي يارو اڃا ڪو نہ نهان ٿو.

ڪجھہ سگهڙا ڏيئي، ڏکڙن ۾ وئينءَ مونکي اڙائي،
هي پهر بہ حياتي مان، توسان ئي وهان ٿو.

پرماٽن جي مِثل ڦيري ۾ آ فاني هي حياتي،
گهڙي ڪن ۾ نهان ٿو گهڙي ڪن ۾ ٻهان ٿو.

ڪر قدر حياتي جو 'ناطق' هي موٽي نہ ملندي،
سچ ڪوڙو لڳي ٿو هي مان جڪهڙو ڪي چوان ٿو.

**

ڪِلنديِ ڪِلنديِ ٿي ويا ڪِيرا،
زخمي دل جا جهير ۽ چيرا.

اڏمن جو رت ٿئي نہ ظاهر،
خوف ۾ ويس ڪيا تم نيرا.

ڦڙو ڦڙو ٽِپي رت وهي ٿو
غور سان ڏس ٿئي موتي هيرا.

سوچن جا ٿو سلڙا ڪاهيان،
سرت ڪجان ٿئي ڪچڙا ڪيرا.

هَڏ ڏوکي ٿو جن کي سمجهين،
ڪائڻ وارا ٿئي حلوا سيرا.

توسان ملڻ جي آس ۾ 'ناطق'،
جهاڳي ويندس ويرون ويرا.

❋❋

همت ۽ حوصلي جِي تو ۾ آ کوٽ ٿوري،
جنهنجي ڪري ئي ايندي توکي آ چوٽ ٿوري.

چو عالمي سطح تي سنڌڙي سڃي آ پنتي،
تون چور سور پنهنجي اڳتي بہ ڳوٽ ٿوري.

قومن سان قوميت جي ايڪي ۾ رهڻو آهي،
هيءَ ڳالهہ منهنجي هاڻي ڪرڻي آ نوٽ ٿوري.

رکندين بہ ڪيستائين امداد جا اوسيئڙا،
ٿيندئي نشو جڏهن تون پنهنجي بہ گهوٽِ ٿوري.

سُستيءَ ۾ سنڌ ڄاوا ايڏا تہ غرق آهن،
محنت سان هاڻ 'ناطق' ڏيڻي آ موٽ ٿوري.

**

ڏکون ٿا ڀرون ٿا، ڏکي نيٺ ڀربو،
لُڏون ٿا ٻڏون ٿا، ٻڏي نيٺ تربو.

مرون ٿا حقن لاءِ وٺي نيٺ مُٽربو،
لڙون ٿا، مرون ٿا ماري نيٺ مربو.

وِڙهون ٿا وڙهون ٿا آهي ويڙهہ جاري،
ويچون ٿا وڌون ٿا وري نيٺ وربو.

اسان کي تو جيڪو ٻڌو ڳالهہ کو چاهي،
کَرون ٿا ڳرون ٿا ڳاري نيٺ ڳربو.

مِٽائڻ اسانکي جيڪو پيو تو چاهي،
هَلائي هَلائي آ ڪٿو نيٺ حَربو.

اسان وٽ اصل آ اصل کي نہ ڇڏبو،
جنين وٽ نہ آهي ڏجو کين چربو.

ٿَتل رَتُ جي ٿريو تہ ماٺار ايندي،
ٺارِيندي ٺاريندي ٺري نيٺ ٺَربو.

’ناطق‘ اسان وٽ ڪمِي آهي ڇا جي؟
کُٿل جيڪو هوندو سو پيو نيٺ پربو.

❊

زندگي اعتبار ۾ ڦاسي پئي،
يار جي انڪار ۾ ڦاسي پئي.

قُرب ٿيندو آهي پريل پيٽ سان،
پيٽ جي لاچار ۾ ڦاسي پئي.

وار ڪارن جي سهڻا ڇا ڳالهہ آ،
زلف جي هڪ وار ۾ ڦاسي پئي.

زندگي اثبات ۽ آهي نفي،
ها ۽ نہ، تڪرار ۾ ڦاسي پئي.

’ناطق‘ لڳي ڪوڙن ڏتن تي هيءَ ڇري،
مفت جي آزار ۾ ڦاسي پئي.

❊

گُل گلنواز آهي.
گل سرفراز آهي.

گل پنھجي سر آ سازش،
گل ساز و آواز آهي.

گل مانئيٽو ييي آهي،
گل جيءَ دراز آهي.

خاموش نغمو گُل آ،
سُرندو ۽ ساز آهي.

گُل گَر چمن ۾ هوندو،
گلشن جو ناز آهي.

گل جو ڪتڙط ٿِيي 'ناطق'
نوڙت نياز آهي.

❋

اسان کي ٻسگھ گھٽي آهي.
اسان جو پٽ ڏٽي آهي.

اسان کي لهر نَکي لوڙو
نڏٽکن جو ڏٽي آهي.

اسان کي ڌرتيءَ ڏيهن مان،
هِيءَ جيجل سنڌ وٽي آهي.

اسان لاءِ سون سَرِيکي آ،
هِتان جِي جا پٽي آهي.

اسان جي اٽيي وارن لئہ،
سِنڌو داتا ڦٽي آهي.

'ناطق' مهراڻ جِي وادي،
سنڌين جي لاءِ ٻٽي آهي.

❊

اوا يار مُنهنجي پيار ۾ ڪهڙي آ کوٽ، ڏَس!
ڏيندو آيو آهين جو مون کي تون چوٽ، ڏَس!

اکين ۾ توکي پنهنجي واري مون ڏِٺو آهي،
مضبوط اهڙو ٻيو ڪو نهي ها ڪوٽ، ڏس!

رُئندي رڙندي منهنجي ڏاڙهي پيي ٿِي اَڇي آ،
هن ڪان پوءِ تُنهنجي طرفان ملندِي ڪا موٽ ڏس!

دِلبر نہ جنهن ڏي ايندو، ان وَٽ رهيو ڇا باقي،
پوري ڪيئن مان ڪريان، اهڙي هي ٽوٽ، ڏس!

جهنگِ مُنهن تو جي ڪيان مان اُتڙي قرار ناهي،
جِتڙي وَجي لِڪان مان 'ناطق' ڪا اوٽ، ڏس!

❊

شال! گُلھي تي شاں ھُجي،
سنڌ سڄي خوشحال ھجي.

پکي وڻن تي لاتيون لنون،
مارُن سان گڏ مال ھجي.

سنڌي مُڙس مٿيرا ھجن،
ڏکي نہ ڪا بہ زال ھجي.

سيرت، صورت سُھڻي ھجي،
وڻندڙ ھر ھڪ ڳالھ ھُجي.

چانديءَ جھڙو اَڄ ھجي،
سَون سريکي ڪالھ ھجي.

جھڙو اُجرو ماضي آھي،
اھڙو ئي روشن حال ھجي.

سامُن تي سدا ساھَہ ڏيَن،
ھر ڪو سنڌي لڄپال ھُجي.

جھڙا 'ناطق' ٻول ڀليرا،
اھڙو ئي سُرتال ھجي.

❊

ڪُجھ ٺاهيان ٿو ڪُجھ ڊاهيان ٿو،
ڪُجھ ڊاهي پِي ٺاهڻ چاهيان ٿو.

هِي پيچ ڊاهہ مُنهنجي آهي تعميري،
ڪجھ لُٽيان ٿو ڪجھ ڪاهيان ٿو.

ٿيندو ظُلم ڏِسي ڪيئن ماٺ ويهان،
اڳيان بي دردن جي پِي ڌانهيان ٿو.

سچ-پُترن جِي مجبوريءَ ڪان،
ڪجھ بڪان ٿو ڪجھ ٻاهيان ٿو.

نٿي موت مِلي جي ڌانهن جي،
ٻيهي قوم جي اڳيان ڳايان ٿو.

ڏک پنهنجي سان گڏ قوميءَ ڪي،
شاعري دونهون ڪري اڏايان ٿو.

ضمير ٿو جاڳي تہ ڪي شعر لکِي،
’ناطق‘، بار مان دل تان لاهيان ٿو.

❊

هِي شاعريءَ جو عنوان هُجي،
سُکيو هرڪو انسان هجي.

آڄ جي ايڏي ڪا جاڳرتا،
ماڻهو نہ ڪو بي ايمان هجي.

جيت جٽيو خوشحال هجي،
بکيو نہ ڪو حيوان هجي.

قيامت تائين سِنڌ وَسي،
قائم هِي پاڪ آستان هجي.

گيتا هندوءَ جي هٿ ۾،
مؤمن کي قرآن هُجي.

افضل مُلان نہ ٻانڀڻ،
برتر هر انسان هجي.

جهنگ جهر سڀ آباد هجن،
شهر نہ ڪو ويران هجي.

وسي سنڌو ڌرتي 'ناطق'
روشن جڳ جهان هجي.

❊

ڪي ڪي نيڻ سجيلا آهن،
ڪي ڪي ڇيل ڇبيلا آهن.

ڪي ڪي نيڻ تہ عابد زاهد،
ڪي ڪي نيڻ نشيلا آهن.

نيڻ ڪي آهن ميٺ محبت،
ڪي ڪي نيڻ هٺيلا آهن.

ڪي نيڻ تہ باهہ جو پنيٺ
ڪي ڪي نيڻ سُريلا آهن.

نيڻ ڪي آهن صابر شاڪر،
ڪي ڪي نيڻ جوشيلا آهن.

ڪي نيڻ تہ شيرين شربت،
ڪي ڪي نيڻ ڪسيلا آهن.

ڪي ڪي نيڻ تہ ٻوڙيل مارن،
ڪي ڪي نيڻ ٻتيلا آهن.

محبت جو پيغام ڏيڻ لئہ،
'ناطق' نيڻ وسيلا آهن.

❊

سنڌ منهنجي آ امڙ جيجل، سنڌڙي آ ماتا مائي،
سنڌ جو مان پٽ حلالي، سنڌ جو مان شيدائي.

سنڌو ديش ۾ سيڪجهہ آهي، وڻ ٽڻ ميوات مني،
سنڌو ڌرتي جنت جيهي، ٻي سڀ ڳالهہ اجائي.

سڄڻ ۾ رهندڙ آهن جوڌا، سنڌي پٽ حلالي،
محل آئي جڏهن بہ اوکي، سيني آ تيج ملهائي.

سنڌ جو ڪائي ڳايان چونہ، ڳالهہ سڌي هي آهي،
ڪنڌ انهن جا ڪپجي ويندا، جن بہ رکي ٻيائي،

منڙا ماٺهو سنڌي منڙا، منڙي آ سندن ٻولي،
مرشد آهي رهبر جڳ جو شاه لطيف ڀٽائي،

سنڌ ڪڏهن بہ لڏندي نہ ٻڏندي، ويندا لُڙ لَهي،
رهندي سنڌ سلامت ’ناطق‘، سدا ستابي سائي.

❊

دل ڪيڏوٽو ڪو ناهي جو ٽوڙي ڇڏين،
نہ هي ٻيڙي آهي ڪا جو ٻوڙي ڇڏين،

منهنجا جذبا جياپي لئہ اهڃاڻ ٿئي،
ناؤ ڪاڳر جي ناهي جو لوڙهي ڇڏين،

هتڙي نفرت ۽ محبت جي آ ڪشمڪش،
ناتا ٽوڙين ڇڏين يا تون جوڙي ڇڏين.

چهرو روشن اکين ۾ چا چانڊاڻ آ،
رخ چڪورن جو چنڊ کان تو موڙي ڇڏين.

نينهن نيزو هٽي دل ڪري وئين ڪٽي،
پنڌ پاهڻ تون ڪري پوءِ تو ڪوڙي ڇڏين.

سهڻا سونهن جي سڄي ۾ ٻڌي،
هر تو واڙي ڇڏين هر تو ڇوڙي ڇڏين.

پيار محبت جي تون ٻوڏ آڻي پرين،
آوندا دردن جا پوءِ تو لوڙهين ڇڏين.

دل جگر ٻڪيون جيرا جلائي 'ناطق'،
تن من تہ نهيو روح تو روڙي ڇڏين.

❉

اسين تہ ماٺهو سدا آهيون،
سچي سَر جي پوڙي جيان،

نينهن جو ناتو نازڪ آهي،
ڪنواريءَ جي چُوڙي جيان،

پيار آ رولو گرميءَ جو جهولو
تر جي آ واچوڙي جيان.

سِيرون ڪري سچ وهندو آ،
رت ڳاڙهي ۽ ڳُوڙهي جيان.

بنان ڇهڻ جي وڪري وڃي ٿو
وِڏوا جي اٽيي جُهوڙي جيان.

وقت ويندو پيرا ڏاهي ’ناطق‘
ڪوڙ آ ڪنهن ڪوڙي جيان.

✽

نہ تا ڪٽ ڪرڻ ڪا چاھيون،
نہ ئي جوڙ ڪرڻ تا چاھيون.

نہ تا چُپ ڪرڻ مان چاھيون،
نہ ئي گوڙ ڪرڻ مان چاھيون.

جيڪو پاڙ ڪرڻ تا چاھيون،
سوئي توڙ ڪرڻ تا چاھيون.

ڪپائڻ جي ڪا سڪيا ناھي،
نہ ئي ڪوڙ ڪرڻ تا چاھيون.

نہ تا ٻوڙي مارڻ مان چاھيون،
نہ ئي ڇوڙ ڪرڻ تا چاھيون.

چاھيوسين ٿي جيڪو ’ناطق‘،
ماني ٻوڙ ڪرڻ تا چاھيون.

❊

همت ۽ حوصلي جي تو ۾ آ کوٽ ٽوري،
جنھن ڪري آ ايندي توکي چوٽ ٽوري

چو عالمي سطح تي سنڌڙي سڃي آ پٽتي،
تون چورسور پنھنجي اڳتي ٻہ ڳوٽ ٽوري

قومن سان قوميت جي ايڪي ۾ رھٹو آھي،
ڳالھہ منھنجي توکي ڪرٹي آ نوٽ ٽوري

رکندين ڪيستائين امداد جو اوسيئڙو
پلو ٽئي جيڪر پنھنجي ٻہ گھوٽِ ٽوري

سستيءَ ۾ سنڌ ڄاوا ايڏو تہ غرق آھن،
محنت سان ھاڻ 'ناطق' ڏي ڪا موٽ ٽوري

❊

## وائي

مان ڳوڳون ڪيان ٿو دانهون، هو ڏانهون، هودانهون،
ڪنهن به سَڏَڙو ڪونه ورنايو.

ڪيئن پَليان اندر جون آهون، هو آهون، هو آهون،
ڪنهن به سَڏَڙو ڪونه ورنايو.

ڪاڏي ويون پِرين اُهي چاهون، هو چاهون، هو چاهون،
ڪنهن به سَڏَڙو ڪونه ورنايو.

ڏينهن رات تڪيان ٿو راهون، هو راهون، هو راهون،
ڪنهن به سَڏَڙو ڪونه ورنايو.

سُهڻا، مار ڪٽي نه نگاهون، هونگاهون، هونگاهون
ڪنهن به سَڏَڙو ڪونه ورنايو.

ٻَڏي ٻيڙو ٻئي آهيان ٻانهون، هو ٻانهون، هو ٻانهون،
ڪنهن به سَڏَڙو ڪونه ورنايو.

’ناطق‘ ڪنهن ڪان پڇان مان صلاحون، هو صلاحون
ڪنهن به سَڏَڙو ڪونه ورنايو.

**

آءُ تون ٻيرِ ٻَري، مون ڪان رهه نہ پَري،
توريءَ پَل نہ سَري

ڪن جي لئہ پاڻ پَسائين، منهنجو هانءُ ٺَري،
توريءَ پَل نہ سري

واجهايان ٿو رستا، چارا، تنهنجو ڏيانُ ڌري،
توريءَ پَل نہ سَري

قارون پايان ڪانگ اُڏايان مَنَ ڪا واڳ وَري،
توريءَ پَل نہ سَري

آءُ سِگهو ٻيَر ديرمَ لائج، ’ناطق‘ پيو ٿو مَري،
توريءَ پَل نہ سَري

آچي ٻُسو اڱڻ اُجار، قربئون قرب ڪَري،
توريءَ پَل نہ سَري

❊❊

ڏاريائيپ وارا سَپ لفظَ وِ ساري،
اَچو تہ گڏجِي پئون سپ يار،
جنهن ۾ ڪنهن جِي جيت نہ هار.

ڪاهہَ گلن جيئن پيار کي ڪاهيون،
پوئي پايون پوءِ ڳچيءَ ۾ هار،
جنهن ۾ ڪنهن جي جيت نہ هار.

تون، مان جيئون سِنڌڙي بہ جيئي،
ڇڏيون نمڪر جو تڪرار،
جنهن ۾ ڪنهن جي جيت نہ هار.

جنهن سان مَنَ ۾ مير اَچي تو،
ڍاهيون سا نفرت جِي ديوار،
جنهن ۾ ڪنهن جي جيت نہ هار.

هڪ هئاسِين، هڪ تي وجبو
يَڪ تارَي جَي جڙ ڪا تار،
جنهن ۾ ڪنهن جي جيت نہ هار.

لوئي ۽ لڄ نہ ڪڏهن لڄايون،
هُجي 'ناطق' بي داغ ڪردار،
جنهن ۾ ڪنهن جي جيت نہ هار.

**

# دوها

سچ کي آهن پهلو چار،
جاڏي ويندو ٻيڙا پار.
O
دل آهي ڪو ڪورو ڪاڳر،
يا آهي ڪو اونهو ساگر
O
دل هي آهي درياهه تار،
ٻوڙي يا اوڪاري پار.
O
پار ڪرڻ جي تو چاهين يار،
دل درياهه کي ڪج تون پار.
O
دل صدمن ۾ آهي چاڙهه،
اڪ ڳوڙهن آيو ڳاڙهه.
O
دل ٿيندي آ باغ بهار،
جڏهن ملندو ڪو سڄڻ يار.

❊❊

# بيت

پنهنجو سچو مِيت، مچان هڪ خُدا کي،
چئن چاهت چِت ۾، پنجن ساڻ پرِيت،
رهان اِهڙي ريت، قِران تہ ڪافر ٿيان.

رکي محبت مَنَ ۾، جن پُڇايو دڳ،
ويجهڙائي ۾ سَي ٿي، ٿيندا الله لڳ،
ٻيائيءَ وارا ڪين ڪِي، ايندا اڳيون اڳ،
ڦورو ڪُوڙا ٺڳ، ڪٿيو ڪڏهن نہ ڪائيندا.

موٽي آيو ماڳ، اسان جو يار چاني،
ڏٺي ڪئي آهي، پنهنجِي مهرباني،
سپاهي پاڪستاني، بند مان آزاد ٿيو.

سَپُ ۽ سِپُ، آکرَ هڪڙو وار،
هڪ رکي ڦڻ، ٻيو موتي مٽيا دار.

گَپ ۽ چَپ اکرَ ڏارو ڏار،
گپ وڃائي ڪپڙا، چپ چُرڻ ٿي ترار.

چُپ ۽ چَپ، اکر پائين جَي ڏون،
چَپَ چُري محبوب جا، ٺاريو ٺارن مون،
چُپ رهيا جا ڪئون، محشر پائنيم اوڏڙو.

مارينديـن يـار مَرِي ويـنـداسين،
ٺاريـنـديـن يـار ٺري ويـنـداسين،
چاهت تہ پـيـي چـت ۾ هوندي

ٺاريـنـديـن يـار ٺري ويـنـداسين،
موتـي وَرِي وري ايـنـداسين،
چاهت تہ پـيـي چِـت ۾ هوندي

ڳاريـنـديـن يـار ڳري ويـنـداسين،
ٻاريـنـديـن يـار ٻري ويـنـداسين،
چاهت تہ پـيـي چـت ۾ هوندي

ٻوڙيـنـديـن يـار ٻُڏي ويـنـداسين،
تاريـنـديـن يـار تري ويـنـداسين،
چاهت تہ پـيـي چـت ۾ هوندي

ڏاريـنـديـن يـار ڏري ويـنـداسين،
لاڙيـنـديـن 'ناطق' لڙي ايـنـاسين،
چاهت تہ پـيـي چـت ۾ هوندي

❊

# چۆستا

اي يار! منهنجي ڳالهہ تي ٿورو تہ ڪر ويساهہ
هرگز نہ منهنجي ڳالهہ کي يڪسر وسارجانءِ
هِن ديش ۽ هن قوم لئہ پرچار ڪر ڀلي،
ناحق ڪو بہ سِنڌ جو ماڻهو نہ مارجانءِ

جائِس ڪٿي جالنڌر آهي سنڌ مان خمير مُنهنجو
سچل ۽ لطيف سائين، مُرشد ۽ پير مُنهنجو
سارائي ناتا ٽوڙي، ڇڏيا مون سنڌ سان جوڙي،
سِنڌ جسم، ذهن مُنهنجو سنڌ آهي ضمير مُنهنجو

جي سچ ٿو چوان تہ پٽُ ڦِڪو آهي،
جي ٿو چُپ رهان تہ تير تِکو آهي،
پاڻ کي ماريان مان يا ضمير رکان زندهہ
هڪ پاسي حقيقت ۽ ٻئي پاسي قِصو آهي.

آئون شيدائي سِنڌ جو سچڻ يار آهيان،
سنڌ جي عشق سان مان ٿيو نروار آهيان،
مون سر ساهہ بہ سنڌ جي ئي نالي ڪيو آ،
مان صدقي ٿيئڻ لئہ سنڌ تان، تيار آهيان.

عشق آهي يار سان،
سِنڌ جي هر ٻار سان،
ڪِرڙ ڪندا ٿا وٽن،
لئي ۽ ليار سان.

ڏِس تہ ڪيڏو ٿڌو ٿيو آ!
مِصري ۽ ماکي زهر ٿيو آ!
وَسنديون، واهڻ ڦِٽي ويا هِن،
ڀِٽون، برپٽ شهر ٿيو آ.

الف الله، اول، عالم ۽ عليم،
ٻاجهارو ڏٽي، ڪندو ڪرم ڪريم،
سائي ستابي سِنڌ، سدائين،
رکندو رَبُّ رَحِيم.

جنهن کي قومَ لاءِ آهي نہ درد،
ياڙي سو آهَي سمجهو نامرد،
جيڪو قومي مرڪز تي پُختو رهيو
لَشڪر سو آهي ناهي هڪڙو فرد.

لَئون ٽيندي ٽيندي ٽيندو آ،
پؤ ويندي ويندي ويندو آ،
هڪ نئين نويلي ٻار جيان،
سبق ايندي ايندي ايندو آ.

اسين ماڻهو آهيون فقيري لڏي مان،
نہ ڏاڍي مان آهيون، نہ آهيون جڏي مان،
اسان ماڻهو آهيون مڙئي خير وارا،
جهيڙي مان ڇاڻون نہ ڇاڻون ڦڏي مان.

دوستيءَ کي دشمني تي آهي برتري،
هن سان هوري هوري ايندي بهتري،
سنڌين جي حالت بہ ڪجھ سڌري ويندي،
ڪامورا جي ڇڏيندا پنهنجي افسري.

سنڌ سجاڳيءَ ڏي وئي آهي،
ٻج چريا تون هتڙان هاڻ،
لُٽيو ڦريو توکي ڦٻيو
هاڻ نہ ٽيندي رتو ڇاڻ.

آزمائش جي گهڙيءَ ۾ همت نہ هارجو،
ڏکيا آهيو يا سکيا، هڪ خالق کي سارجو،
سندرو ٻڌي همت جو خدمت ڪيو سنڌين جي،
ويلي ويلو ويندو گذري مڙسي ڏيکارجو.

مان تو ڪيان دل پنهنجي صيقل،
ناڻ آ جنهن تي تنهنجو اُڪريل،
تنهنجي ناڻ سان آ منهنجو نالو،
هر هنڌ هوندو گڏيل سڏيل.

چڱي سان چڱو تي 'ناطق'،
ڪاوڙ کي وڃ تون پي 'ناطق'،
غصي پنهنجي کي قابو تون ڪر،
ڏَسُ آ ڏاهپ جو ڏنو هي 'ناطق'.

ڀَل شراب عشق جي دعويٰ تون بہ ڪر،
رندُ، شرابي تون ليڪن ناهين ٻڌيو
چو ڪتاب عشق جا سڀ ڪاڳر پڙهي،
تہ بہ ڪتابي تون ليڪن ناهين ٻڌيو.

# ڪافي

نہ مون چوريو چَرخو
نہ ڪِي ڪتيو ڪمايو
جڏهن ڳتيو تي جيڏين،
مون تي وقت وڃايو.

نہ ڪا ذات مُنهنجي،
نہ ڪا بات منهنجي،
ميرِي مَندِي آهيان،
سينَي سان لڳايو.

ٻانهي تُنهنجي آهيان،
ٻئي ڪنهنجي ناهيان،
ڀلا ڪاڏي ويندياس،
مونکي هيءَ ٻُڌايو.

ڪِني آئون ڳميني،
ڪيان تي هَمر نشَيني،
بيٺي دَرَ تي 'ناطق'،
ڳچيءَ پاندُ پايو.

# تيڙو

درياهہ ۾ پاڻي،
جُهور پراڻي ٻوڙيءَ ۾،
مُهاڻو ۽ مهاڻي.

وڻ جِي ڇانءُ،
تاڪ منجهند اُس ۾،
وينو آهيان آنءُ.

ڏاڍو آهي پيارو.
سِج اُڀرڻ کان تورو اڳ،
پِرڀات جو نِظارو.

پک جهڙو وِشواش،
ياڪِي پائي تا جڙ مِلن،
ڌرتي ۽ آڪاش.

بندو ناهي گندو
معاشرو هِن کي پاڻ بڻائي ٿو
چڱو يا مندو.

اَتم اها آس،
جِيجل! تُنهنجا مِڙئي ويري،
سَڙِي ٿيندا ناس.

شابش! ٿـوَ شاباش!!
دشمن ٿَـڪجِي پوندو نيٺ،
ڍوئي ڍوئي لاش.

سمجهوتا انصاف!
وطن جي هر ويريءَ کي
ڪيئن ڪنداسِين معاف؟


بندو
ايڏو ناهي،
گندو.

ٽُٽندا ڪوٽ،
نيٺ تہ موٽي،
ايندا گهوٽ.

وَسيو مينهن،
ڏچي ۾ آهيون،
رات، ڏينهن.

تولا، ماشا،
آمن نہ هوندو
ملندا لاشا.

**



## منهنجي خيال مطابق

هن پوڙهي، درياه دل شاعر جي سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب سان محبت، سنڌ جي تهذيب و ثقافت ۽ تمدن سان ويجهڙائپ، گهرو ناتو وسيع مطالعو ۽ سندس کوجنا ڏسي سچ ته هن کي اکين مان ڪيڏي دل ۾ ويهارڻ تي دل چوي ٿي.

ماڪيءَ کان مٺي هن شاعر کان پنهنجا ئي دوست اڪثر اهو سوال ڪندي نظر ايندا آهن ته سائين! توهان جي مادري زبان سنڌي نه هوندي به توهان هن زبان ۾ هيڏي جامع ۽ خوبصورت شاعري ڪيئن ڪئي آهي!؟

اهڙو سوال ٻڌي ڪري هي دلبر شاعر کين کي هڪ ئي جواب ڏيندو آهي ته (ڇا سنڌي ٻوليءَ سنڌي ادب ۽ سنڌ ڌرتيءَ مٿان رڳو اوهان جو ئي حق آهي!؟) هن جو اهڙو کرو ۽ سچو جواب ٻڌي سوال ڪندڙ ماڻهو بلڪل لاجواب ٿي ويندا آهن. جڏهن ته حقيقت اها آهي ته سائينءَ پنهنجي سموري زندگي سنڌي ادب جي مطالعي ۽ هن جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏي آهي، جنهن جو اظهار هن جي شاعري پڙهڻ دوران هر هنڌ نظر اچي ٿو ۽ هڪ غير سنڌي زبان جي سنڌي ادب تي ايتري گهرائي ۽ مهارت ڏسي تعجب پڻ ٿئي ٿو.

سائين غلام رسول 'ناطق' سنڌ ۾ رهندي ۽ پنهنجي خمير کي هن مٽيءَ ۾ جذب ڪري ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ آسان شاعري ڪري نه صرف اسان سنڌ وارن جون دليون کٽي ورتيون آهن پر هن سان گڏو گڏ هن پنهنجي مٽيءَ جو قرض لاهي پنهنجو ڳاٽ اوچو ڪري ڏيکاريو آهي.

**اقبال احمد گاڏهي**
چيئرمين
سچل ادبي سوسائٽي، هالا ٽي
0300_3596286

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، پاڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٺاندڙ وڏِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٿين، جيڪي بہ ڪٿين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ونڻ ونڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)